
ماهوار
سُهڻي
شيخ اياز جا نوان شعر
امر جليل سان ڳالهه ٻولهه
سنڌ، ملڪ ۽ دنيا جي حالتن تي مضمون
غلام رسول ڪلهوڙي ۽ صنوبر سيد
جون ڪهاڻيون
انهيءَ کان علاوه ماهتاب محبوب، غلام نبي مغل،
عبدالقادر جوڻيجو سحر امداد، ذوالفقار سيال
۽ ٻين ليکڪن جون نڪور لکڻيون




Gul Hayat Institute

## فلسطيني مجاهدن جون رنگين تصويرون

## جي ايم مغل جو، جيڪي منجهه جهان ۾ لڳل شاندار مضمون

## ڀارتي سنڌي ليکڪا وينا شرنگيءَ جون رنگين تصويرون


**آرسي**
ڀارت جي مشهور سنڌي ليکڪا وينا شرنگي کان پڇيل سوالن جا دلچسپ جواب (صفحو 45)

**ڪهاڻيون**
غلام رسول ڪلهوڙو، نئين ڪهاڻيڪار اصنوبر سيد ۽ طارق اشرف جون، ڪهاڻيون (صفحا 52 - 46)

**مضمون**
ماهتاب محبوب، آفتاب ابڙو ۽ ممتاز مرزا جي مشهور مضمون 'وساريان نه وسرن' جي ستين قسط (صفحا 71 - 57)

**شعر**
(صفحا 74 - 72)

**پڙهندڙن جا خط**
پڙهندڙن جا دلچسپ ۽ تنقيدي خط (صفحا 79 - 75)

**فلم ۽ ٽي وي**
بمبئي جي فلمي دنيا جون نيون خبرون ۽ سنڌي اداڪارا سنگيتا بجلاڻيءَ تي مضمون. (صفحا 88 - 80)

**ڪوٽيشن**
موڪليندڙ: منور حسين لاڙڪ، غلام نبيءَ خليل عارف سومرو



ٽائيٽل: علي عباس
آمر جليل جون تصويرون:
حسين شاهه راشدي ۽ زيب سنڌي
لي آئوٽ ۽ ڪلر پيج جي سيٽنگ:
دانيال شاهه

سائين جي-ايم-سيد جي تصويرن لاءِ محترم سيد ضياءُ الحق ۽ فلسطيني مجاهدن جي تصويرن لاءِ فلسطيني ڪائونسل جنرل جو اداره ٿورائتو آهي.


Gul Hayat Institute

# ڇهند ڙيون

جناب حساب سؤلو آهي. گذريل سال قائد فرمايو هو ته پنهنجا وي سي آر، ٽي وي ۽ زيور وڪڻي هٿيار خريد ڪريو. اسان پاڙيسرين جا وي سي آر ٽي وي ۽ زيور ڪٽي، وڪڻي هٿيار خريد ڪياسين. هِن سال، پاڙيسرين جا ويه ماڻهو مٺا ۽ اسانکي پيي. ايم هڪ ڪروڙ رپيا وڌيڪ ڊيولپمنٽ لاءِ ڏنا يعني في ماڻهو پنج لک رپيا. سؤدو گهاٽي جو ناهي.

خبر: حيدرآباد ۾ فسادن ٿا بعد، وزيراعظم، شهري نمائندن سان ملي.




خبر: سنڌ جي وزير اعليٰ لاءِ ڪنهن برجستي ماڻهوءَ جي ڳولا.



حضرت آدم کان اڄ تائين جو شعوري سفر

برک ليکڪ

## يوسف شاهين

جو نئون دلچسپ ڪتاب

# شعور جو سفر

[شعوري سفرنامو]

آفسٽ پيپر | ڊيمي سائيز | قيمت 50 روپيا

Gul Hayat Institute

سنگم پبليڪيشنس

ڪراچي

# جيڪي منجهه جهان

## دنيا

## اوڀر جرمني ۽ برلن پٽ

ماڻهن جي عزم ۽ ارادن آڏو ڪابه رڪاوٽ رهي نٿي سگهي. اڄ کان ١٨ سال اڳ، اوڀر جرمنيءَ جي ڪميونسٽ حڪومت، پنهنجي رعيت کي، اولهه جرمنيءَ ڏانهن وڃڻ کان روڪڻ لاءِ، ١٣ آگسٽ ١٩٦١ع تي شهر برلن جي اوڀرئين حصي ۽ اولهائين حصي جي وچ تي هڪ پٽ کڙي ڪئي، ۽ شهر سان گڏ اوڀر ۽ اولهه جرمنيءَ جي سموري سرحد بند ڪئي، ته جيئن اوڀر جرمنيءَ جارهاڪو، اولهه جرمني نه وڃن. نومبر ٨٩ جي آخر ڌاري، ماڻهن جي هڪ ريلي ۽ عوام جي سياسي زلزلي، اُن جبر جي پٽ کي ڊاهي ڇڏيو، ۽ هزارين لکين ماڻهن اوڀر برلن مان اولهه برلن ڏانهن رخ ڪيو. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ، ويهين صديءَ جي ائين ڏهاڪي جي آخري سال منجهه، اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ نه رڳو سياسي زلزلا آيا، پر ورهين پراڻي ڪميونسٽ 'لوهي پردي' منجهه پڻ واضع ڏار پئجي ويا آهن، ۽ تاريخ پراڻي پاتل پهراڻ کي لاهي، ڪنهن نئين يا سڌاريل فيشن جا لباس پائڻ لاءِ تيارنظر اچي پئي. خود سوويت روس به انهيءَ اٿل پٿل ۽ ماڻهن جي ذهنن جي ڦيري کي، آدرياءُ واري انداز ۾ ڏسي رهيو آهي. پر عام طور يورپ ۽ سموري دنيا ۾ اهو انومان وڌي ويو آهي ته اوڀر ۽ اولهه جرمني، ٻيهر هڪ ملڪ بنجي ويندا. عام ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيترو به ٻيهر هڪ ٿي وڃڻ جا جذبا هجن، پر سياست جا ابا، عام ماڻهن کي آزاديءَ جي ڪيتري اجازت ڏين ٿا، سا ڳالهه وڏيڪ اهم آهي. مثال طور اولهه جرمنيءَ جي چانسلر هيلمٽ ڪوهل، برلن پٽ جي ڊهڻ ۽ لکين ماڻهن جي سرحد اورانگهڻ تي چيو ته اسين چاهيون ٿا ته اوڀر جرمنيءَ جا رهاڪو اُتي رهن ۽ اولهه جرمنيءَ ڏانهن لڏپلاڻ نه ڪن، ڇاڪاڻ ته اولهه جرمنيءَ منجهه اڳئي پنهنجن ماڻهن لاءِ گهرن جي ڪمي آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٨١ لک ماڻهو اڳئي بنا نوڪرين جي ڌڪا ٿاٻا پيا کائن. انهيءَ مسئلي کي نبيرڻ لاءِ، اولهه جرمني، جيڪو دنيا جي شاهوڪار ملڪن منجهان هڪ آهي، سو اوڀر جرمنيءَ کي وڏي پئماني جي امداد ۽ قرض ڏين متعلق سوچي رهيو آهي، ته جيئن اوڀر جرمنيءَ جي اقتصادي حالت سڌري ۽ بدليل سماجي حالتن جي ڪري ماڻهو اُتان لڏپلاڻ نه ڪن. سوويت روس، جيڪو اوڀر يورپ جي سوشلسٽ ملڪن جو سروان آهي، سو به پنهنجي ملڪ جي بدليل حالتن ۽ گورباچيف جي 'پريسٽرائيڪا' پاليسي جي ڪري، اوڀر جرمني ۾ آيل تبديلي تي، پنهنجي اڳوڻي روايتي انداز ۾ ارهو ناهي، پاڻ اوڀر جرمنيءَ ۾ سالن جي پراڻي ليڊرشپ جي بدلجڻ، ۽ نئين حڪومت ناهڻ ۽ وڌيڪ آزاد ۽ ڳُجهي ووٽ ذريعي چونڊون ڪرائڻ لاءِ، آجيان ڪئي آهي. سوويت روس، وڌيڪ پڻ چيو ته جيڪڏهن اوڀر جرمنيءَ منجهه غير ڪميونسٽ حڪومت به ٺهي ته مڙئي خير آهي. پر ڪين وارسا پئڪٽ جو ساٿي ٿي رهڻو آهي. روس اهو پڻ ڄاڻايو آهي ته هُو، يورپ منجهه آيل تبديلين تي، سپر پاور سمٽ ۾ اينڊڙ مهيني، ڳالهائڻ چاهي ٿو. ڪجهه صحافين جي انهيءَ سوال تي ته، ڇا اوڀر ۽ اولهه جرمني ٻيهر ڳنڍجي هڪ ملڪ بنجي ويندا، ته روسي وزارت خارجا جي ترجمان جيراسيموف واضع طور تي ٻڌايو، ته اينڊڙ مهيني سپر پاور سمٽ ۾ اولهه ۽ اوڀر جرمنيءَ جي ٻيهر ڳانڍاپي بابت ڳالهه ٻولهه جو موضوع تڏهن ئي ڇيڙي سگهي ٿو، جڏهن نائو (NATO) ۽ وارسا (WARSA) پئڪٽ ختم ڪيا وڃن. ترجمان وڌيڪ چيو ته جيڪي ڪجهه اوڀر جرمنيءَ ۾ ٿي رهيو آهي، سو اُتي جي عوام لاءِ چڱو ٿي رهيو آهي، ۽ حڪومت عوام سان انهيءَ معاملي کي نبيري

> ماڻهن جي عزم ۽ ارادن آڏو ڪابه رڪاوٽ رهي نٿي سگهي.

Gul Hayat Institute

گهمي سگهي ٿو. انهن سيني سهولتن جي باوجود، ماڻهن جي سيلاب کي روڪي نہ سگهيا، جيڪو پنهنجي ملڪ جي سرحدن اورانگهڻ لاءِ آتو هو. خبرن مطابق، اوڀر جرمني جي سموري آدمشاري ٻہ ڪروڙ آهي، ۽ هڪ ڪروڙ شهرين جو، مغربي دنيا ڏسڻ چاهي ٿو. پر اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سڀ شهري، اوڀر جرمنيءَ کان ٻاهر آباد نہ ٿي سگهندا. ان جا سبب آهن. هڪ تہ ٻاهر روزگار جا ايترا موقعا موجود ناهن. ٻيو تہ اوڀر جرمنيءَ جا شهري هوندي تہ عام طور هڪ سادگي واري زندگي گهاري رهيا آهن، پر تنهن هوندي بہ کين رياست طرفان، گهرن لاءِ امداد، صحت ۽ دوا درمل ۽ عام ڀلائي وارن معاملن ۾، مدد حاصل آهي، جيڪا اولهائين ملڪن جي سرمائيداري سرشتي ۾ موجود ناهي. روس جي نئين پاليسي پرسٽرائيڪا هيٺ، نيٺ اڳتي هلي انهيءَ رياستي امداد تي پڻ اثر پوندو ۽ اوڀر جرمني ۾ پڻ گهرن جا ڀاڙا، تعليمي ادارن جون فيون، ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا، گيس، بجلي، پاڻي ۽ کاڌي خوراڪ جا اگهہ وڌي ويندا. اوڀر جرمني اڳ ۾ ئي ١٥٠٠٠ ملين ڊالر کوٽ وارو بجيٽ هلي پيو. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ جت ملڪ جي اقتصادي حالت کي سڌارڻ ۽ ٺيڪ ڏيڻ آهي، اُت عوام جي لاءِ سياسي نظام کي پڻ وڌيڪ آسان ۽ آزاد ڪرڻو آهي.

'نيو فورم' (New Forum) پاران جڏهن آزادانا چونڊن ڪرائڻ، ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ هٽي ختم ڪرڻ، پارٽيءَ جي صاحبن جي اختيارن کي ختم ڪرڻ ۽ حڪومت کي هٽائڻ لاءِ، مطالبن مڃڻ لاءِ وڌيڪ دٻاءُ پون لڳا، تہ حڪومت ۽ پولٽ بيورو استيعفيٰ ڏني ۽ 'هنس موڊرو' جيڪو غير ڪميونسٽ پارٽي 'ڊريسڊن' پارٽيءَ جو اڳواڻ هو، تنهن نئين حڪومت جوڙي، جنهن ۾ پاڻ وزير اعظم آهي ۽ سندس ٢٨ميمبرن واري حڪومت ۾ ١١ ڄڻا غير ڪميونسٽ آهن. پولٽ بيورو کي ٻيهر جوڙيو ويو، پر اُن ۾ بہ سخت موقف رکڻ وارن کي پاسيرو ڪري، اهڙا ميمبر تاڦيا ويا، جيڪي اصلاح پسند ليکيا آهن. انهن سيني کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ، اوڀر جرمنيءَ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سڀ کان اعليٰ اختيار تي اداري پارٽي ڪانگريس بہ جنوري ١٩٩٠ع ۾ گڏجاڻي

# ڇا جرمني هميشہ پنهنجي ماضيءَ جي حالتن جو يرغمال رهندو؟

ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اِن کان اڳ چاليهن سالن ۾ رڳو ٽي ڀا چار ڀيرا ڪانگريس جو اجلاس ٿيو آهي. ايندڙ مهيني جي گڏجاڻيءَ ۾ نئين ليڊر شپ ۽ آئينده پاليسي متعلق ويچار ٿيندو.

اها بہ دلچسپي جهڙي ڳالهہ آهي، تہ رِٿيل چونڊون ايندڙ سال يعني سرءُ ١٩٩٠ع جي وچ ۾ ٿينديون ۽ سيني پارٽين کي حصو وٺڻ جي اجازت هوندي. حالتون ٻڌائن ٿيون تہ اوڀر جرمنيءَ ۾ بہ پولينڊ وانگر گڏيل حڪومت ٺهندي. اولهہ جرمنيءَ جي سربراهہ هيلمٽ ڪوهل پڻ اوڀر جرمنيءَ کي زبردست اقتصادي امداد ۽ قرضن جي آڇ ڪئي آهي، تہ جيئن هو آزاد چونڊون، جماعتي بنيادن تي ڪرائي ۽ ملڪ جي اقتصادي ڍانچي کي نئي سر خانگي واپار جي بنياد تي اڏي. اولهہ جرمنيءَ جيڪا امداد پولينڊ کي ڏني آهي، سا ضرور اوڀر جرمنيءَ کي بہ چڪيندي. پر جيڪڏهن سوويت روس، جنهن جي پڻ اقتصادي حالت ڊوانوڊول آهي، اوڀر جرمنيءَ کي انهيءَ اقتصادي گهوٽالي مان نڪرڻ لاءِ مدد نہ ڪئي تہ ايندڙ چونڊن ۾ غير ڪميونسٽن کي چونڊجڻ ۾ وڏي هٿي ملندي، جن جون واڳون يا واسطا، وال اسٽريٽ يا بون سان ٻڌل هوندا.

آخر ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا جرمني هميشہ پنهنجي ماضيءَ جي حالتن جو يرغمال رهندو؟ موجوده اوڀر جرمنيءَ جي عوامي اٿل پٿل ۽ مغربي جرمني طرفان آجيان، ڪميونسٽ نظام جي خلاف هڪ قسم جي بغاوت چئي سگهجي ٿي. برلن پت جو پرزا ٿيڻ ۽ اوڀر جرمني جي شهرين جي اولهہ ڏانهن يلغار، حقيقت ۾ جرمن قوم جو ٻيهر متحد ٿيڻ جا واضع اهڃاڻ آهن. اهو واقعو هڪ قوم کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي عمل کي رد ڪرڻ ظاهر ڪري ٿو. جيڪڏهن جرمن قوم کي، جيئن ڏسڻ ۾ اچي پيو. مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جي اجازت ڏجي تہ سندن مرضي، برلن پت، ناٽو وارسا معاهدن هوندي بہ، هڪ قوم بنجڻ بابت هوندي. اوڀر يورپ ۾ حالتون اهڙو رخ اختيار ڪري رهيون آهن، جو ناٽو جنگي معاهدي جي اعليٰ ڪمانڊر جنرل گايون پڻ اهو چوڻ شروع ڪيو آهي تہ هاڻ خود سوويت روس جو خطرو پڻ ٽرندو نظر اچي پيو. ناٽو معاهدي جو سيڪريٽري جنرل تہ ان کان بہ اڳتي قدم وڌائي، تجويز ڏني تہ هاڻ ضرورت انهيءَ امر جي آهي تہ ائٽلانٽڪ معاهدي کي جنگي معاهدي مان بدلائي، اوڀر يورپي ملڪن سان سياسي ۽ اقتصادي ناهہ بنائجي، جنهن ۾ هٿيارن جي گهٽائڻ (Disarmament) بابت بہ نڪتا شامل هجن. آمريڪن سفير مغربي جرمنيءَ ۾ پڻ اهو مڃيو ،تہ برقرار صورتحال (Status quo) کي بدلجڻ کپي. اصل ۾ مغربي ۽ مشرقي يورپ جي ورهاست، خود غير قدرتي لڳي ٿي. آمريڪن صدر بش بہ چيو آهي تہ يورپ هاڻ پوريءَ طرح ايري پيو ۽ آزاد ٿئي پيو. اهڙيءَ ريت سوويت روس جي صدر گورباچيف پڻ ساڳيا تاثرات بيان ڪيا آهن تہ "دنيا ۾ اثر رسوخ جا ٻہ مقابلو ڪرڻ جا مرڪز وڌيڪ هئڻ نہ کپن." پر جيئن تہ مٿي بيان ڪيل آهي تہ روسي ليڊر جو چوڻ آهي: "ضروري ناهي تہ جيڪي معاملا وجود ۾ اچن پيا، تن ڪري جرمنيءَ جا ٻہ حصا پاڻ ۾ گڏجي وڃن." پر بدلجندڙ حالتن ۾ لڳي ٿو تہ ناٽو يا وارسا معاهدن جو ڪارڻ (Raison deter of the alliance sys-tem) ئي وجود ۾ نہ رهندو. ڇاڪاڻ تہ سوويت روس يورپي محاذ تي پنهنجي فوج ۾ ٻہ لک ٽيهہ هزار فوجين جي ڪمي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، ۽ صدر گورباچيف جي اقوام متحده ۾ ڊسمبر ١٩٨٨ع ۾ ڪيل تقرير جي نتيجي ۾ ست هزار ٽينڪ ۽ ست سو سٺ جنگي هوائي جهاز پڻ گهٽ ڪيا آهن. آمريڪا بہ جواب ۾ ناٽو فوجي طاقت جو ١٥ في سيڪڙو گهٽائڻ لاءِ چيو آهي. انهيءَ ڏس ۾ گورباچيف ۽ بش جي ڊسمبر جي ملاقات ۾ وڌيڪ پيش رفت ٿي آهي.

جرمنيءَ جي ٻيهر متحد ٿيڻ جو مرحلو، ڪجهہ حلقن مطابق، ڪافي پري لڳي ٿو. انهيءَ جو سبب ڪيترين مغربي قومن کي اڃا ٻي جنگ عظيم جا ايذاءَ نہ وسريا آهن ۽ جرمن قوم جي جنگي جنون جي ٻيهر اُڀرڻ جي پڻ ڳڻتي پنهنجي جاءِ تي

Gul Hayat Institute

سان ڪِلي ڳالهائي. سنڌي قوم ۾ تفرقو پيدا ڪيو وڃي. هڪ طرف سيد ۽ سندس پوئلڳن ۾ جنرل ضيا لاءِ نرم گوشو پيدا ڪيو وڃي، ته ٻئي طرف سيد ۽ پي پي وچ ۾ محاذ آرائي پيدا ڪري سگهجي.

جنرل ضيا جي مارشل لا جي يارنهن سالن دوران، سنڌ جي عام ماڻهن پي پي پليٽ فارم تان جيڪي قربانيون ڏنيون آهن، تن جو دنيا جي تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. ڪيترا سنڌي ڪونڌر ڪٺا، ڪيترن جي پٺن تي ڦٽڪا لڳا. ڪيترن زندگيءَ جو وڏو عرصو جيلن جي سيخن پٺيان گذاري ڇڏيو، ته ڪيترا ملٽري ٽارچر جي نتيجي ۾ ذهني توازن، نظر يا پيو ڪيو عضوو وڃائي ويٺا. ان آزمائش جي دور ۾ پي پي ۽ سنڌ جي عوام هڪ ٻئي جو مڪمل ساٿ ڏنو. ۽ جيڪڏهن ائين چئجي ته پي پي جو هڪ پهلو اهو به هو، ته پي پي سنڌي ماڻهن جو سمنڊ بڻجي پئي، ته وڌاءُ نه ٿيندو.

اهي سڀ ڳالهيون آهن، جن ڪري سنڌي ماڻهن کي پي پي سان قرب آهي، جنهنجو ثبوت هن ١٩٨٨ جي چونڊن ۾ ڏنو. ۽ هن وقت به چاهين ٿا ته پي پي خلاف ٿيندڙ سازشون ناڪام ٿين. پر اهو ڏسي شديد افسوس ٿئي ٿو، ته خود پي پي سياسي خودڪشي جي راهه اختيار ڪئي آهي، ۽ جيڪڏهن پي پي پنهنجو پاڻ کي ترت نه سنڀاليو، ته نه فقط خود ڪنهن وڏي ڪاهي ۾ ڪري غرق ٿي ويندي، پر سموري سنڌي قوم کي ڪنهن وڏي ٻوهي ۾ وجهندي. هن وقت ڪي پاليسيون يا قدم عوام ۾ پي پيءَ جي ساک ختم ڪري رهيون آهن، سي هي آهن:

(الف) افغان پاليسي: اها اميد پئي ڪئي وئي، ته پي پي حڪومت اچڻ کان پوءِ جنرل ضيا واري افغان پاليسي کي تبديل ڪري، اهڙي پاليسي اختيار ڪندي، جنهن سان افغانستان جي انقلابي حڪومت ۽ پاڪستان جي چونڊيل جمهوري حڪومت وچ ۾، ويجها ناتا قائم ٿي سگهندا، ۽ علائقي ۾ استحڪام پيدا ٿيندو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، پي پي حڪومت جنرل ضيا واري ساڳي افغان پاليسي برقرار رکيو اچي. اٽلو افغانستان جي رجعت پسند جماعتن کي اسلام آباد ۾، اجلاس ڪرڻ ۽ افغانستان جي عبوري

## هن وقت پي پي حڪومت کي جيڪا سڀ کان وڏي بيماري لڳل آهي، سا آهي 'ڪرپشن.'

حڪومت قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. جنهن ڪري نه فقط آزاد ۽ غير جانبدار دنيا ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي ساک کي نقصان پهتو آهي، پر خود ملڪ اندر اهڙين سياسي قوتن کي صدمو پهتو، جيڪي حڪومت کان ٻاهر رهي به، سي او پي بدران، پي پي حڪومت جي حمايت ڪري رهيون آهن. جهڙو پي اين پي ۽ پختون ملي اتحاد وغيره. ان کان سواءِ، ان پاليسيءَ جي نتيجي ۾، خود پي پي جي صفن اندر پڻ بي اعتمادي پيدا ٿي آهي. گذريل ڇهن مهينن دوران، صحافين جي هڪ وفد جي ميمبر جي حيثيت ۾، ٻه ڀيرا افغانستان جو دورو ڪرڻ ۽ صدر نجيب الله سان ملاقات ڪرڻ جو موقعو مليو. ٻنهي ڀيري صدر نجيب هڪ ڳالهه خاص طور تي چئي. هن چيو ته "اسين چاهيون ٿا ته محترمه بينظير جي حڪومت رهي. پر اسين بينظير صاحبه کان هڪ سوال پڇون ٿا، ته فرض ڪريو جيڪڏهن اسان جي حڪومت ختم ٿيو ٿي وڃي ۽ اسان جي بدران عبوري حڪومت تي ڇانيل بنياد پرست ٽولو اقتدار ۾ اچي ٿو، ته اهو محترمه بينظير ڀٽو جي حمايت ڪندو يا جماعت اسلامي جهڙين رجعت پسند جماعتن ۽ آئي ايس آئي جو ساٿ ڏيندو؟"

(ب) صوبائي خود مختياري: هئڻ ته ائين گهربو هو ته اقتدار ۾ اچڻ شرط، پي پي کي آئيني ترميم جو هڪ اهڙو مسودو تيار ڪرڻ کپندو هو، جنهن ۾ نه فقط اٺين ترميم کي ختم ڪيو وڃي، پر صوبائي خودمختياري بابت ايم آر ڊي فارمولا کي عملي شڪل ڏنل هجي ها. پر ان جي ابتڙ پي پي ايم آر ڊي فارمولا جو ذڪر ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهي. مونکي يقين آهي ته جيڪڏهن پي پي اهڙو مسودو تيار ڪري ها، ته سرحد ۽ بلوچستان جون اهي جماعتون، جيڪي قومپرست آهن يا چوائين ٿيون، سي پي پيءَ کي ڇڏي، سي او پي ۾ شامل نه ٿين ها. اڃان به وقت نه ويو آهي. اڃان به پي پي في الحال قومي اسيمبلي ۾ ان قسم جو ٺهراءُ آڻي. سي او پي کي ٽوڙي سگهي ٿي. جيڪڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ فوري اهڙو ٺهراءُ آڻڻ ۾ ڪي رڪاوٽون آهن، ته في الحال اهڙو ٺهراءُ سرحد اسيمبلي ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ منظور ڪرائي، پوءِ آئي جي آئي تي دٻاءُ وڌو وڃي، ته اهڙو ٺهراءُ پنجاب اسيمبليءَ ۾ پڻ منظور ڪرايو وڃي. اسان جي خيال ۾ نواز شريف طرفان پنجاب ۾ بئنڪ قائم ڪرڻ، الڳ ٽيليويزن قائم ڪرڻ ۽ واپڊا کي صوبن ۾ تقسيم ڪرڻ واري تجويز جي مخالفت ڪرڻ بدران، نه فقط نواز شريف کي انهن تجويزن تي عمل ڪرڻ ڏنو وڃي، پر سنڌ ۽ سرحد ۾ پڻ انهن تجويزن تي عمل ڪيو وڃي. ان ڳالهه جو تمام گهڻو امڪان آهي ته جيڪڏهن انهن تجويزن تي عمل ڪيو وڃي، ته هڪ مهيني اندر پنجاب جو عوام ڏنڊا هڻي نواز شريف جي حڪومت ختم ڪري هٽائي سگهي ٿو.

(ت) ڪرپشن: هن وقت پي پي حڪومت کي جيڪا سڀ کان وڏي بيماري لڳل آهي، سا آهي 'ڪرپشن.' شايد ان جو هڪ سبب اهو آهي ته پارٽي ڪادرس جي ڪابه نظرياتي تربيت نه آهي. پي پي قيادت طرفان هن وقت پارٽي ڪادرس لاءِ نه ڪنهن انقلابي تبديلي، ۽ نه ڪنهن سماجي تبديلي جو ڪو ٽارگيٽ مقرر ڪيل آهي، ائين ٿو لڳي ته پارٽي ڪادرس کي فقط هڪ ڌن آهي، ته ڪهڙيءَ طرح ڪو عهدو حاصل ڪري، پنهنجي مالي ۽ طبقاتي حيثيت تبديلي ڪري سگهجي. ان جي نتيجي ۾ پي پي هڪ غير سياسي ۽ لالچ سان ڀريل سماجي ڪلب ۾ تبديل ٿيندي وڃي، حڪومت جا اڪثر وفاقي توڙي صوبائي وزير، قومي توڙي صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر، ويندي عام ڪارڪن به، ڪنهن نه ڪنهن طرح کان اثر رسوخ استعمال ڪري، دڙڪو دامان ڏيئي، غلط صحيح ڪم ڪرائڻ ۽ ڏوڪڙ ڪمائڻ ۾ رڌل آهن. جنهن ڪري پارٽي مڪمل طرح عام ماڻهوءَ کان ڪٽجندي وڃي، ۽ ماڻهن ۾ پي پي خلاف نفرت وڌندي وڃي. هن وقت پارٽي فقط ڀٽو خواتين جي Good will جي سهاري ساهه پئي رهي آهي. پر جيڪڏهن اهي حالتون برقرار رهيون، ته ڀٽو خواتين جي Good will کي به ڪاپاري ڌڪ رسي سگهي ٿو. نه فقط ايترو، پر وفاقي توڙي صوبائي وزيرن جو پنهنجن پنهنجن

Gul Hayat Institute

تکن جي ماڻهن سان رابطو مڪمل طور ٽٽي ويو آهي. اهڙا به وزير آهن، جيڪي چونڊجڻ ڪان پوءِ هڪ ڀيرو به ٽڪ جي ماڻهن وٽ موٽي نه ويا آهن. ڪارات خاليءَ نه آهي، جڏهن وزيرن وٽ محفلون جوان نه آهن. وزير صاحبن جون اهي مستيون ان حد تائين وڌي ويون آهن، جو وزير اعظم سان غير ملڪي دورن ۾ وڃڻ دوران به اهي سرگرميون عروج تي هونديون آهن. اهو به نه سوچيو ويندو آهي، ته سندن وزير اعظم خاتون آهي، ۽ اتان جي ڊپلوميٽن ۽ سرڪار ۾ هنن جي باري ۾ ڇا سوچيو ويندو. تازو بداعتمادي جي رٽ ڪانپوءِ ته ائين ٿو محسوس ٿئي، ته وڏيرن پي پي اندر ڪو coup آڻي ڇڏيو آهي، ۽ محترمه بنظير انتهائي ڪمزور بڻجي وئي آهي.

تازو ترين اطلاعن مطابق، جيڪي ايس-ڊي-ايم ۽ ڊي-ايس-پي جون جڳهيون پريون پيون وڃن، تن ۾ سنڌ جي غريب ماڻهن ۾ ۽ پارٽي ڪارڪنن کي اٽي ۾ لوڻ برابر به نمائندگي نه پئي ڏني وڃي. چون ٿا ته سڀ آساميون وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن سمورن پنهنجي پٽن، پائٽين ۽ ويجهن عزيزن ۾ ورهائي ڇڏيون آهن. جيڪڏهن پارٽي قيادت وڏيرن کي ڪنٽرول ڪرڻ جو بلو نه ڪيو، ته پارٽي جا پير نکري ويندا ۽ اچي ڦهڪو ڪندي. حالانڪ وڏيرن کي مختلف ضلعن ۾ پارٽي ڪارڪنن جا ڪنوينشن منعقد ڪري، آسانيءَ سان ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.

(ٿ) رٿابندي ۽ پاڻ ۾ سهڪار جو فقدان: گذريل هڪ سال دوران پي پي حڪومت جي ڪارڪردگي ڏسيو، اڙدو جو اهو محاورو ياد اچيو وڃي ٿو ته 'اونٽ ري اونٽ تيري ڪون سي ڪل سيڌي؟' ائين ٿو محسوس ٿئي ته نه وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومت جو پاڻ ۾ سهڪار آهي ۽ نه وفاقي کاتن ۽ صوبائي کاتن جو پاڻ ۾ ڪو سهڪار آهي، بس انڌي گهوڙي جي مصداق ڪاروبار حڪومت هلندو رهيو آهي. پي پي حڪومت جو سڀ کان وڏو ڪارنامو اخبارن، ٽي وي ۽ ريڊيو کي آزادي ڏيڻ ۽ مخالف ڌر کي ڪوريج ڏيڻ آهي. پر ان فيلڊ ۾ به اهڙا ڪئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا، ته اطلاعاتي ذريعن جي پاليسين ۾ به ڪو سهڪار ۽ تسلسل نه آهي. ڪو

**پرائيم منسٽرس هائوس ۾ ته ائين ٿولڳي ته مڪمل Anarchy آهي.**

اهڙو وقت هو، جو وزير اطلاعات، ٽي وي جي چيئرمن ۽ اطلاعات واري مشير جو به پاڻ ۾ ڪو سهڪار نه هو. نتيجي ۾ پهرين اطلاعات واري وزير استيعفيٰ ڏني. ان ڪان پوءِ اطلاعات واري مشير کي ٽي وي نيوز کان الڳ ڪيو ويو. ۽ هاڻ خود ٽي وي جي چيئرمن به استيعفيٰ ڏيئي ڇڏي آهي. پرائيم منسٽرس هائوس ۾ ته ائين ٿولڳي ته مڪمل Anarchy آهي. هڪ فرد کي سياحت جو مشير مقرر ڪيو ويو. ڪيترو عرصو هن پرائيم منسٽر هائوس ۾ ڪم ڪيو. بعد ۾ پتو پيو ته آصف زرداري صاحب جنهن همراه کي مقرر ڪيو هو، سو اهو ماڻهو نه آهي ۽ آخرڪار ان همراه کي اتان هٽايو ويو. وزير اعظم جو ملڪي پريس لاءِ الڳ سيڪريٽري ۽ غير ملڪي پريس لاءِ الڳ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ان ڪان سواءِ، صحافين جي هڪ فوج کي وزير اعظم پالي رهي آهي. پر ڪارڪردگي جي اها حالت آهي، جو هڪ پاسي وزير اعظم، خان ولي خان سان سياسي مذاڪرات ڪرڻ پئي چاهي، ته ٻئي طرف ملڪي پريس ۾ آمريڪا مان بيگم نصرت ڀٽو جو هڪ بيان شايع ٿو ٿئي، جنهن ۾ ولي خان کي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو. ان بيان جي وضاحت بيگم صاحبه طرفان اٽڪل هڪ مهينو پوءِ جاري ڪئي وڃي ٿي. تيسين جيڪو نقصان پهچڻو هو، سو پهچي چڪو.

صحافين ۽ پريس سيڪريٽرين جي ان فوج مان ڪنهن کي به توفيق ڪانه ٿي، ته اهو بيان شايع ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن ان بيان جي وضاحت شايع ڪئي وڃي. غير ملڪي، پريس سيڪريٽري بشير رياض جي روئي کان تنگ ٿي، هڪ پرڏيهي خاتون پريس رپورٽر، آمريڪا جي اخبار ۾ وزير اعظم خلاف معاندانه مضمون شايع ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿي. هڪ اهڙي شخص کي پرائيم منسٽر هائوس ۾ مقرر ڪيو وڃي ٿو، ته جيڪو نه فقط ايم ڪيو ايم جو ماڻهو آهي، پر مارشل لا جي دور ۾ سنڌ جي اڳوڻي گورنر جنرل عباسيءَ جو خاص ماڻهو هو، جنهن هڪ ڀيرو عملدارن جي گڏجاڻي ۾ ڀٽي صاحب لاءِ تمام ڪريل لفظ استعمال ڪيا.

راوي روايت ٿا ڪن، ته ان فرد کي آصف زرداري صاحب جي فرمائش تي پرائيم منسٽر هائوس ۾ متعين ڪيو ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه سوچڻ بغير ڪيو ويو، ته اهو شخص سياڻ جو مسعود محمود ثابت ٿي سگهي ٿو.

پي پي حڪومت جي شروع ڪان اها بدقسمتي رهي آهي، ته هميشه ڪن اهڙن فردن کي اهم عهدن تي رکيو ويو، جيڪي سڌو واشنگٽن ڪان آيا ۽ اچي اهم ذميداريون سنڀاليون. ياد رهي ته ڀٽي صاحب جي زماني ۾، رفيع رضا ۽ يوسف بچ، جن جو ڪو به سياسي پس منظر نه هو، اوچتو اوچتو واشنگٽن مان اسلام آباد پهتا. انهن مان هڪ کي وفاقي وزير بنايو ويو. ٻئي کي وزير اعظم جو صلاحڪار بنايو ويو. بعد ۾ ثابت ٿيو ته هو نه پي پي سان سچا هئا ۽ نه ڀٽي سان سچا هئا. هينئر وري به ساڳي غلطي ورجائي پئي وڃي. هينئر وري هيپٽي مينوالا اچي ٿوءِ وزير اعظم جو مشير بڻجي ٿو. چون ٿا ته سنڌ جي وڏي وزير جو هڪ صلاحڪار جيڪو وڏو انتظامي ۽ معاشي ڄاڻ رکي ٿو، تنهن وزير اعظم کي معاشي صورتحال بابت هڪ جامع پيپر موڪليو، ۽ گذارش ڪئي ته اهو پيپر خفيه رکيو وڃي ۽ ٻئي ڪنهن کي به نه ڏيکاريو وڃي.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ سنڌ جي وڏي وزير جي ان مشير کي، هيپٽي مينوالا جو هڪ خط مليو، جنهن سان گڏ هڪ پيپر جي ڪاپي پڻ موڪليل هئي. خط ۾ چيل هو ته ان پيپر بابت پنهنجي راءِ موڪلي وڃي. اهڙا خط ملڪ جي ٻين به ڪيترن کي موڪليا ويا هئا. اهو مشير صاحب ان وقت سخت حيرت ۾ پئجي ويو، جڏهن هن ڏٺو ته اهو پيپر سندس ئي هو، جيڪو هن وزير اعظم کي موڪليو هو. چون ٿا ته ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ان مشير صاحب جي وزير اعظم سان ملاقات ٿي. هن شڪايت ڪئي ته ڪيس موڪليل پيپر هن ريت سڄي دنيا کي موڪليو ويو آهي، جڏهن ته هن ان سلسلي ۾ خاص طور رازداري جي گذارش ڪئي هئي. مشير صاحب جي حيرت جي ان وقت حد نه رهي، جڏهن وزير اعظم مڪمل لاعلمي

(۳) تربيت يافته نوجوانن کي اوليت جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون وينديون.

(۴) پيپلس پروگرام تحت سڄي ٿر ۾ وڏي پيماني تي اسپتالون، اسڪول ۽ کوهه تعمير ڪرايا ويندا.

(۵) ٿري ماڻهن کي سستي اگهه واري ڪڻڪ مهيا ڪئي ويندي.

ڊسمبر جي پهرئين هفتي تائين، انهن اعلانن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿيو آهي. اسان جي سياستدانن کي خبر نه آهي ته ڇو اڃان تائين اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي آهي ته اعلان ڪري. عمل نه ڪرڻ سان عام راءِ تي ڪهڙو اثر ٿو پوي ۽ جمهوري ادارن جي استحڪام لاءِ هي طريقو ڪيتريقدر هاڃيڪار آهي. بس، اعلانن تي اعلان ڪندا هليا ٿا وڃن. وري ڪا وعدا وفائي ڪن، سا ڳالهه شايد سندن ڪتاب ۾ ئي ڪانهي. اهوئي سبب آهي جو عام ماڻهن جو سياست، سياستدانن، سندن پروگرامن توڙي وعدن مان ايمان ئي کڄي ويو آهي ۽ هو ڪين چڱيءَ نظر سان به ڪونه ٿا ڏسن. اها ئي ڳالهه آهي ته وقت تي وري به وڏيرن جي وَرِ چڙهيو وڃن.

جيستائين ٿر ۾ نوان ڪاليج قائم ڪرڻ واري اعلان جو تعلق آهي، انهيءَ باري ۾ اسين مٿي ڪاليج کي ڊگري ڪاليج ۾، گرلس مڊل اسڪول کي هاءِ اسڪول قرار ڏيڻ وارن اعلانن ۽ ورهين کان انهن تي عمل نه ٿيڻ جو اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيا آهيون. خدا ڪري، هن ڀيري ائين نه ٿئي. وزير اعليٰ سنڌ پنهنجا وعدا پاڙي، جيئن ٿري ماروئڙا به تعليم حاصل ڪري سگهن.

اعلان ڪيل P.T.C ۽ C.T پاس نوجوانن جو مسئلو ته ويتر مشڪل بڻجي ويو آهي، جو غير تربيت يافته ماڻهن کي سُفارشن ۽ ٻين ذريعن سان نوڪرين ۾ کنيو ٿو وڃي ۽ تربيت يافته نوجوانن کي بدستور نظر انداز ڪيو پيو وڃي. انهيءَ لاءِ ۲ ڊسمبر ۱۹۸۹ع تي هلال پاڪستان اخبار جتي جمهوريت جي پهرين سالگرهه تي خصوصي اشاعت جاري ڪئي، اُتي ٿرپارڪر جي تربيت يافته بي روزگار ايڪشن ڪميٽي جي حوالي سان 'تربيت يافته استادن جي شڪايت' جي عنوان سان هڪ حقيقت پسندانه ايڊيٽوريل به لکيو، جنهن ۾ هن مسئلي جي نوعيت بابت پوريءَ طرح

## عام ماڻهن جو سياست، سياستدانن، سندن پروگرامن توڙي وعدن مان ايمان ئي کڄي ويو آهي

وضاحت ڪئي ويئي آهي. تاهم هتي هڪ اهڙي ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي جنهن جو سرڪار کي فورن نوٽس وٺڻ جڳائي، سا آهي نوڪرين جي وڪري واري ڳالهه. انهيءَ سلسلي ۾ اسين هتي رڳو ٿر جي ذڪر ڪرڻ تي اڪتفا ڪنداسين. چوڪيدار ۽ نائب قاصد کان وٺي گزيٽيڊ پوسٽن تائين، مختلف ڪاتن، انهن جي اهميت ۽ افاديت جي لحاظ کان نوڪرين جا ريٽ مقرر ٿيل آهن. ائين اڳيان سمورا ڪارڊ ٽوڙيا پيا وڃن، جيڪا ڳالهه جمهوري حڪومت لاءِ يقينن بدناميءَ جو ڪارڻ ٿيندي. اميد ٿي ڪجي ته وزير اعليٰ سنڌ پنهنجن اعلانن ۽ مسئلي جي سنگين نوعيت کي سامهون رکي ترت ضروري ۽ جوڳا اُپاءَ وٺندو.

پيپلس پروگرام تحت ٿر ۾ غلط جاين تي ٺهندڙ چند اسڪيمن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري چُڪا آهيون، اها ڳالهه به سولائي سان سمجهڻ جهڙي آهي، ته ٻيون ڳالهيون وقت گذرڻ سان آيون ويون ٿي وڃن ٿيون، پر بلڊنگون جيڪي صحيح ڪمن جون شاهد ۽ ثبوت هونديون آهن. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته ترقياتي اسڪيمون سوچي سمجهي، ضرورت وارن هنڌن تي، بنا ڪنهن پارٽي تميز جي منظور ڪيون وڃن. ٿرپارڪر ۾ پيپلس پروگرام جي ايڊمنسٽريٽر واري تبديلي ممڪن آهي ته خوشگوار ثابت ٿئي، حالانڪ نئون ايڊمنسٽريٽر به آهي وڏيرو، هن به جيڪڏهن شاهاڻا شغل اختيار ڪيا ته وري به مُستحق ماڻهو هن پروگرام مان فائدو وٺي نه سگهندا. تازو پيپلس پروگرام جي سالگرهه واري موقعي تي، محترمه بينظير ڀٽو هڪ پيغام ذريعي ملڪ جي سيني ماڻهن کي سڏ ڏنو آهي، ته پيپلس پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ ۾ حڪومت جي مدد ڪن. جيستائين عام ماڻهو جو

تعلق آهي، ته هي جيڪي به اڪر لکي رهيا آهيون، اُهي انهيءَ سڏ جي مناسب موٽ کان هرگز گهٽ ڪونه آهن، پر سمورو دارومدار وري به انهن ماڻهن تي آهي، جيڪي هن ڪم سان وابسته آهن. ظاهر آهي ته اُهي پيپلز پارٽي جائي ڪارڪن ۽ اهلڪار آهن. وزير اعظم صاحبه کي انهن کي سڏ ڏيڻ ۽ وقت بوقت مٿن نظر رکڻ گهرجي. جيڪڏهن انهن کي درست ڪرڻ ۾ بينظير صاحبه ڪامياب ويئي، ته هي پروگرام به بهرحال ڪامياب ويندو. اُميد ته هن طرف به توجه ڏنو ويندو. اهڙي نموني ٿري مُستحق ماڻهن کي هن پروگرام مان گهربل ۽ جائز فائدا ملي سگهندا.

سستي اگهه واري ڪڻڪ جو مسئلو جيتوڻيڪ حڪومت لاءِ معمولي آهي، پر ڏتڙيل ٿري ماڻهن لاءِ وڏي اهميت ٿو رکي. وزير اعليٰ جهڙو بااختيار ۽ ذميوار ماڻهو اعلان ڪري ۽ هڪ ننڍڙو مسئلو به حل نه ٿئي. سچ پچ وڏي افسوس جي ڳالهه چئبي.

سينيٽر جاويد جبار جو دورو : موصوف جي ٿر سان جيڪا خاص دلچسپي آهي، انهيءَ جو ذڪر به اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. هن وقت هي صاحب سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو ممڪلتي وزير آهي. ٿري ماڻهن کي جديد سائنس کان روشناس ڪرائڻ لاءِ، سائنسي آلات، ڪمپيوٽر، سلائيڊون ۽ ٻيو سامان ڪٺي پنهنجن ڪن پراڻن ساٿين سميت، هيليڪاپٽرن ذريعي اسلام ڪوٽ پهتو. انهيءَ سموري ٽِڪساٽ کي سائنس ڪاروان جو نالو ڏنو ويو هو. هاءِ اسڪول کي موڪل ڪرائي، ڪلاسن ۾ اهي شيون رکيون ويون. ڪائنات جي وسعت، انهيءَ جي جوڙجڪ، سيارن جي گردش، سلائيڊن ۽ ٻين ذريعن سان، توڙي ڪمپيوٽر جا ڪمال، هتان جي شاگردن کي ڏيکاريا ويا. عام ٿري ماڻهو ته اُهي ڏسي ڪونه سگهيا، پر اسلام ڪوٽ ۽ مٿي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ڪن شهري ڇوڪرن کان سواءِ ٻيا شاگرد به ڪاروان جا ڪرشما ڏسڻ کان محروم رهيا. البت شهري شاهوڪار ماڻهن اهو عمل ضرور ڏٺو. جيستائين انهيءَ جو تعلق آهي ته هتان جا پڙهيل ۽ سائنس ٽيچر به ڪجهه سمجهي ڪونه پي سگهيا، ته پوءِ شاگرد ۽ ٻيا

Gul Hayat Institute

# مشهور ليکڪ امر جليل سان

## دلچسپ ڳالهه ٻولهه.

فضل قلباڻي، نثار چنا ۽ عطيه دائود.

امر جليل



قلباڻي : اوهانجو تعلق سنڌ جي هڪ جهوني ۽ ننڍڙي شهر روهڙيءَ سان آهي. ۽ هاڻ اوهان پاڪستان جي نئين سهڻي شهر اسلام آباد ۾ رهو ٿا. اها تبديلي اوهان کي ڪيئن لڳي.

اَمر : جنهن وڻ جي مان ٽاري آهيان، انهيءَ جون پاڙون سنڌ ۾ کتل آهن، ۽ هاڻ مان ڪا شاخ آهيان، جيڪو ڪٿجي هتي هليو ويو آهيان. مونکي ته ائين ٿو محسوس ٿئي.

قلباڻي : اسانجي نوجوانن جي دلين ۾ ته اوهان گهر ڪري ويٺا آهيو. ايترا سارا ماڻهو اوهان سان پيار ٿا ڪن. اوهانجي ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. ۽ انهيءَ ۾ به فخر محسوس ٿا ڪن. اوهان هن پيار کي ڪيئن محسوس ڪندا آهيو.

اَمر : مان ڏاڍي شدت سان انهيءَ پيار کي محسوس ڪندو آهيان. اڪثر اهو سوچيندو رهندو آهيان ته جيڏو پيار مونکي مليو آهي، انهيءَ جي موٽ ۾ مان اهو ڪجهه ڏيئي سگهيو آهيان، ڏيئي رهيو آهيان، اهو سوال منهنجي ذهن ۾ اڪثر ڦرندو رهندو آهي، ۽ مان ڏاڍو پريشان ٿيندو آهيان. ۽ پبلڪ ۾ اچڻ کان انهيءَ ڪري پاسو به ڪندو آهيان، جو اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪنهن وقت اکين ۾ لڙڪ به ايندا آهن. ۽ ماڻهو انهيءَ مان غلط مطلب به وٺندا آهن. حالانڪ مان سمجهان ٿو ته روئڻ ۽ کلڻ تي ڪا به بندش وجهي نٿي سگهجي. پر مونکي انهيءَ ڳالهه جو به احساس آهي، ڇاڪاڻ ته هنن جا پيار پريا خط مون وٽ ايندا آهن، تڏهن پنهنجي وجود مان پڙاڏي جو سڏ ٻڌندو آهيان ته تو هنن کي ڇا ڏنو آهي موٽ ۾. ڇاڪاڻ ته مون تي اهوئي الزام لڳل آهي ته مون نوجوانن کي پنهنجي لکڻين سان، هنن ۾ بي راه روي پيدا ڪئي آهي، هنن کي باغي بڻائي ڇڏيو آهي. ويهن سالن کان اهي الزام مون تي لڳندا رهيا آهن. انهن جو خيال اٿم، تنهن ڪري منهنجي ضمير ۾ اها ڳالهه ڏاڍي چڀندي رهي ٿي،

عطيه : اوهان جي ڪاپي ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي. مان به نئين ليکڪا آهيان، مون اوهانجي ڪاپي ڪئي. پر ڪاپي ڪرڻ ۽ متاثر ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي.

اَمر : ڪاپي لفظ درست ناهي، هو ڪاپي ڪونه ٿا ڪن. مان نوجوانن کي پڙهندو رهان ٿو. هو ڪاپي ڪونه ٿا ڪن. جيڪو به سيريس هوندو، چاهي اُهو نئون ئي هجي، اُهو ڪاپي نه ڪندو. هر ليکڪ پوءِ هو ڪهاڻيون لکندو هجي، ڊراما لکندو هجي يا شعر لکندو هجي، هو متاثر ٿيندو آهي.

قلباڻي : اسٽائيل کي اپنائڻ به ته ڪاپي جي زمري ۾ ايندو نه.

اَمر : نه. متاثر ٿيڻ ۽ ڪاپي ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي. نوجوانن جو پنهنجو پنهنجو اسٽائيل آهي. ٻه ٽي سال اڳ مون طارق عالم جو ننڍڙو سهڻو ناول پڙهيو. ورهين کان پوءِ مون ايڏو سٺو ناول پڙهيو. ايڏي سهڻي ٻولي. دنيا ۾ آهن ڪل ٣٦ ٿيمس. جنهن تي ڄڻيم لک ڪهاڻيون لکجي چڪيون هونديون. دنيا ۾ ڪو اهڙو ٽاپڪ نه بچيو هوندو، جنهن تي نه لکيو ويو هوندو. ڳالهه آهي پريزنٽيشن جي. ساڳين ٽاپڪس تي دنيا جا ليکڪ لکن ٿا، پر هر ليکڪ جي لکڻ جو پنهنجو ايڪسپريشن جو انداز آهي. سو طارق عالم جي ايڪسپريشن جو انداز ايڏو

Gul Hayat Institute

تنهنکري ٻولي، لفظ، جملا ناهن، انهيءَ کان سواءِ ڪهاڻي ڪيڏي به سٺي هجي، ڪيڏي به پاورفل هجي، پر هنکي ايڪسپريس ڪرڻ جي لاءِ، جيڪڏهن اهي رنگ ئي ڪونه آهن، برش ئي ڪونهن ته اُها ڳالهه اڌ ۾ ئي رهجي ويندي.

نثار: اوهان تي اهو به الزام آهي ته اوهانجي وڪئبلري ۽ ٽريٽمينٽ جيڪو آهي، اوهان وڏن لاءِ به لکندا آهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ننڍن لاءِ لکو ٿا، پر ٻنهي جو مورالسٽريٽمينٽ ساڳيو ٿو رهي. ائين آهي يا نه.

اَمر: آهي، بلڪل آهي، اهو انهيءَ ڪري به آهي جو ڪيترائي پيرا، هاڻ به، گل ڦل وارن چيو ته ٻارن لاءِ لک. ۽ مان سمجهان ٿو ته ٻارن لاءِ لکڻ نه فقط ضروري آهي، پر هاڻي فرض ٿي ويو آهي. ڇو ته سنڌي ادب ۾ ٻارن کي ايترو ته نظرانداز ڪيو ويو آهي، ۽ ٻارن لاءِ ايترو ته گهٽ لکيو ويو آهي، جو گل ڦل رسالي ۾، ٻارن کي جيڪو گهرجي، اُهو نٿو ملي. ٻارن جو جيڪو وڏن ڏانهن حق آهي، اُهو ادا نٿو ٿئي. مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته مان ٻارن لاءِ لکان. انهيءَ لاءِ مون هڪڙو ڪريڪٽر به ڪريئٽ ڪيو. چرٻٽ. انهيءَ چرٻٽ جي حوالي سان مون اٺ ڏهه ڪهاڻيون به لکيون. ۽ جڏهن اُهي ڪهاڻيون ڇپيون، ته وڏن کي وڌيڪ اپيلون پيون ڪن، وڏن انهن کي وڌيڪ پڙهيو، ۽ ڇڻ ننڍن لاءِ هو هيئون ڪونه.

قلباڻي: هڪڙا به ڪانسيپس آهن. مصلحت ۽ منافقت. اوهانجي خيال ۾ هنن ۾ ڇا فرق آهي.

اَمر: ٻنهي ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.

قلباڻي: ڪيئن.

اَمر: منافقت جي ٻي ڪا به ڊفينيشن ڪانهي، منفاقت آهي دوکو. مصلحت اها آهي ته اسين خاموش رهي ٻئي کي هرٽ ڪرڻ نٿا چاهيون. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪجهه نظر نٿو اچي، ۽ هو پڇي ته سامهون واري گلاب جو رنگ زرد آهي ڇا، اوهان محسوس ڪيو ته هي ڏسي نٿو سگهي، هي ته گل گلابي آهي. اوهان مصلحت خاطر چئي سگهو ٿا ته ها زرد به آهي ۽ ڪجهه ڪجهه گلابي به آهي. اها ٿي مصلحت. ماڻهو مصلحت انهيءَ ڪري اختيار ڪري ٿو جو هو ٻئي کي هرٽ ڪرڻ نٿو چاهي.

نثار: سائين هيءُ هڪ منافقت جو فارم ناهي.

اَمر: نه. منافقت اِها ته اوهان کان ڪو پڇي ته هي رستو ٺيڪ آهي ۽ اوهان هنکي چئو ها، بلڪل ٺيڪ آهي، ۽ اڳيان ڪليل گٽر هجي ۽ هو هن ۾ ڪري پوي.

قلباڻي: هن جو ٻيو حصو، ڪنهن فرد کي، زندگيءَ جي ڪنهن به ڏاڪي تي ڪنهن به خيال کان مصلحت يا منافقت مان ڪا هڪڙي شيءِ اختيار ڪرڻ جسٽيفاءِ آهي.

اَمر: منافقت ته ڪڏهن به نه. سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اُهو دکو ٿو ڏي.

قلباڻي: مصلحت.

اَمر: مصلحت جيڪڏهن ڪنهنکي دوکي ڏيڻ لاءِ ڪونهي، ڪنهنجو نقصان ڪرڻ لاءِ ڪونهي...



## انهيءَ ۾ شڪ جي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي ته مونکي نوجوان پڙهندا آهن.

نثار: انهيءَ ۾ پاڻ بچائڻ وارو عنصر ڪونهي.

اَمر: پاڻکي بچائي وڃي، ۽ ٻئي کي دوکو ڏئي، ته پوءِ اها منافقت ٿي.

نثار: ڪو ليکڪ ڪهاڻي لکي ٿو، پر سمجهي ٿو ته هينئر ڇپرائيندس ته ٽيپ لڳندي، هو نٿو ڇپرائي. انهيءَ کي اوهان ڇا چوندا.

اَمر: اها منافقت آهي.

نثار: اها مصلحت ڪانهي.

اَمر: مصلحت ٿي سگهي ٿي. منافقت ناهي. جيڪڏهن اهڙو دؤر آهي جنهن ۾ ڪلي آزادي ڪانهي، ته مصلحت تحت هو نٿو ڇپرائي، پر هن رڪارڊ ڪري ڇڏيو، انهيءَ وقت کي. ڇو ته رائيٽر ان وقت کي ڪاغذن تي فريز ڪري ڇڏيو. پر انهيءَ جي بدران، جيڪڏهن سچ لکڻ تي پابندي آهي، ۽ پنهنجي فائدي ڪاڻ هو ڪوڙ جي تعريف ٿو ڪري ته اها منافقت آهي.

قلباڻي: اوهانجي لکڻين جي باري ۾ عام رايو اِهو آهي ته انهيءَ ۾ رپيٽيشن تمام گهڻي هوندي آهي. لفظن جي، جملن جي، ڪڏهن ڪڏهن ته ائين ٿيندو آهي ته سڄا سارا پيراپيٽيشن سان پريل هوندا آهن. ۽ پڙهندڙ تڪڙا تڪڙا پنا اٿلائيندو ويندو آهي ته آخر ۾ ٿيو ڇا. ڪلائمڪس ۾ وڃي خبر پوندي آهي ته اصل ڳالهه اِها هئي، باقي پنا ائين ئي هئا. اوهان هروڀرو ايڏا پنا ڪارا ڇو ڪندا آهيون.

اَمر: مان سمجهان ٿو ته بهتر اِهو ٿئي ها جو اوهان ڪو مثال ڏيو ها.

قلباڻي: ها، مان مثال ڏيان. ڪجهه وقت اڳ اوهان هڪ اخبار ۾ ڪالم لکندا هئا. انهيءَ ۾ اوهان لکندا هئا ته مون وٽ اڄ هڪڙو راز آهي. ٻيو ڪردار پڇندو هو. ڪهڙو راز آهي، ڀلا هن ۾ ڪا ڪاڻ جي ڳالهه آهي. نه اها به ڳالهه ناهي. ڀلا هن ۾ هيءَ ڳالهه آهي- نه، اها به ڳالهه ناهي. تون چپ ڪري ويهه، تو کي سمجهه ۾ نه ايندو. ڀلا هن ۾ هي ڳالهه آهي، هيءَ ڳالهه آهي.

Gul Hayat Institute

آهي. خاص طور سندس شهپر هوبهو اياز جهڙا لڳا. پوءِ پتو پيو ته بارق شفيع به اياز وانگر افغانستان جو مشهور ترقي پسند شاعر آهي. اهو پڻ پتو پيو ته ڪجھ وقت اڳ بارق شفيع افغانستان حڪومت ۾ وزير اطلاعات پڻ رهي چڪو آهي. ان کان سواءِ هو انقلاب جي باني مان پڻ آهي. مون هن کان اڳ ٻڌو هو ته ثور انقلاب بنيادي طور ترقي پسند دانشورن آندو هو ، ۽ انقلاب جو باني ڪامريڊ نور محمد ترهڪي به بنيادي طور هڪ دانشور هو. پر هاڻ ان ڳالھ جو ثبوت منهنجي اڳيان هو.

بارق شفيع ۽ عبدالله شادان ، برنا صاحب ۽ اسان ڪي پاڻ سان وٺي مٿي چاڙهيون چڙهي ، هڪ وڏي هال ۾ پهتا. جتي اڳئي ١٥ ڪن صحافي موجود هئا. انهن مڙني سان اسان سڀني جو تعارف ڪرايو ويو. هڪ ڊگهي ٽيبل جي ٻنهي طرفن ڪرسيون پيل هيون. افغاني صحافي ٽيبل جي هڪ پاسي وارين ڪرسين تي ويٺا ۽ اسين پاڪستاني صحافي ٽيبل جي ٻئي طرف پيل ڪرسين تي ويٺاسين. ائين لڳو ، ڄڻ ٻن ملڪن جي سرڪاري وفدن جا مذاڪرات ٿي رهيا هجن. آءٌ ۽ اسان جا ٻيا ساٿي هال ۾ موجود صحافين ڏانهن نهاري ، هنن کي پاڻ سان ۽ پاڻ کي هنن سان شناسا ڪرڻ لڳاسين. مڙني صحافين جي چهرن مان ذهانت ۽ دانشمندي بکي رهي هئي. ۽ سڀ جا سڀ واقعي صحافي ۽ دانشور لڳي رهيا هئا. آءٌ من ئي من ۾ هنن کي پنهنجي وطن ۾ سنڌي صحافين سان ڀيٽڻ لڳس. ڀيٽڻ سان مون ۾ هڪ عجيب قسم جي مايوسي ۽ Depression پيدا ٿيڻ لڳو. مون محسوس ڪيو ته سنڌ اڃان انقلاب ۽ اصل منزل کان ڪيترو نه پري آهي؟ڇو ته صحافي ۽ دانشور ئي ڪنهن ملڪ ۽ معاشري ۾ انقلاب آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. پر منهنجي وطن جي سنڌي صحافين جي اڪثريت صحافي سڏائڻ جي قابل آهي؟ ته پوءِ هو ڪهڙا ڦاڙا ماريندا؟ مون کي چئني طرف اونداھ جو طوفان اٿندو محسوس ٿيو. شرم وچان منهنجون نظرون پنهنجو پاڻ جهڪي ويون. ڇو ته اها حقيقت آهي ته سنڌي صحافين ۾ ڪيترا جاهل ۽ بليڪ ميلر ملندا ، پر ان ۾ هنن جو به ته ڏوھ نه آهي؟ معذرت سان چوڻو ٿو پوي ته ان ۾ وڏو ڏوھ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ سنڌي اخبارن جي انتظاميا جو آهي. جن کي اهڙا صحافي گهرجن ، جن کي هو ٻن ٽن سئو رپين ۾ راضي ڪري ، ڪم ڪڍي سگهن ، آخر دڪان ئي هلائڻو آهي؟ اسان جون حيدرآباد جون اڪثر سنڌي اخبارون ، اخبارون نه پر بيگار ڪئمپون لڳنديون آهن ، جتي مفت ۾ ڪم ڪرڻ يا ٿلهي مُٺ تي ڪم وٺڻ کي ترجيح ڏني ويندي آهي. ظاهر آهي ته مفت ۾ يا ٿلهي مُٺ تي ڪم ڪرڻ لاءِ يا جاهل ماڻهو راضي ٿيندو يا جيڪڏهن ڪو ڪم ڪندو ، ته اهو خبرون شايع ڪرڻ يا پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ به ماڻهن جا ڪيسا پيو تڪيندو.

آءٌ اڪثر دوستن کي چوندو آهيان ته شايد سنڌي اخبارن جي ڪجھ مالڪن جو سنڌ ۽ سنڌي قوم ڏانهن ڪو وڏو پلئه رهيل آهي ، جيڪو هو ان طرح پاڙي رهيا آهن. ان جي ڪري اسان وٽ ايماندار ۽ چاڻو صحافين جي اڪثريت بدران ، اڪثريت ذهني طور ٽوٽڻن ۽ منڊن صحافين جي آهي ، ڇا ذهني طور ٽوٽا ۽ منڊا صحافي سنڌي قوم جي جنگ وڙهي سگهندا؟ آءٌ ان ڪري اڪثر چوندو آهيان ته شايد اسين سنڌي ، سنڌ جي لڙائي هارائي ويچو! ۽ ان جو وڏو سبب اهو هوندو ، جو اسان وٽ پروپيگنڊا واري لڙائي لڙڻ وارا چاڻو ۽ بي لوث ۽ اورچ صحافين جي کيپ نه آهي. ان جو سبب وري به اسانجي سنڌي اخبارن جي انتظاميا آهي. آءٌ اڪثر پنهنجي سياسي دوستن کي منٿ ڪندو آهيون ، ته ضرورت آهي ته سياسي پليٽ فارم تان تبليغ شروع ڪري هڪ طرف سنڌي اخبارن جي مالڪن تي دٻاءُ وڌو وڃي ، ته اخبارن ۾ ويج بورڊ ايوارڊ لاڳو ڪيو وڃي ، ۽ ڪارڪنن کي مقرريءَ جا حڪمناما جاري ڪيا وڃن ، ته جيئن مناسب پڙهيل ڳڙهيل سنڌي نوجوان صحافت جو پيشو اختيار ڪرڻ لاءِ ، اڳيان اچي سگهن. ٻئي طرف تلقين ڪئي وڃي ته ، معاشري جا سڀ کان هوشيار ۽ اعليٰ تعليم يافته سنڌي جوان ، صحافت ۾ وڌ ۾ وڌ اچن. ضرورت ته ان ڳالھ جي آهي ته اسانجون سياسي جماعتون پنهنجا ڪادر صحافت جي شعبي ۾ آڻين ، جيڪي نه فقط سنڌي اخبارن پر اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ ڪم ڪن.

مون کي ياد آيو ته سٺ جي ڏهاڪي دوران جماعت اسلامي منتظم منصوبي بندي تحت ، پنهنجا بهترين ڪادر ڪراچي يونيورسٽي جي صحافت واري شعبي مان ايم - اي جرنلزم ۾ پاس ڪرائي ، ڪراچيءَ جي مختلف وڏين اخبارن ۾ فٽ ڪرايا. بعد ۾ انهن ئي صحافين مڙني اخبارن جي پاليسين کي جماعت اسلامي جي منشا مطابق هلايو. ۽ ايم - ڪيو - ايم جي طوفان اچڻ کان پوءِ ، انهن جي اڪثريت ايم - ڪيو - ايم نواز ٿي وئي ، ۽ هن وقت ڪراچيءَ جي هر اخبار تي ايم - ڪيو - ايم سوار آهي. ڇا اسان جون قوم پرست ۽ ترقي پسند جماعتون رڳو وڏيون وڏيون دعوائون ڪنديون. ڪو اهڙو عملي ڪم نه ڪنديون؟ ڇا اسان جا ذهين تعليم يافتا نوجوان ڪسٽم ۽ ايف آئي اي بدران ، صحافت جي پيشي ۾ داخل ٿي ، سنڌي قوم جي لڙائي جون واڳون سنڀالڻ وارو چئلينج قبول نه ڪندا؟ جي نه ، ته پوءِ بهتر آهي ته وڏيون دعوائون ڪرڻ بدران هينئر کان سنڌ دشمن قوتن آڏو سرينڊر ڪيون ۽ اجايا ماڻهو نه مارايون؟

اهي خيال دماغ ۾ چاڙهڻ لڳا ، مون محسوس ڪيو ته ڪابل جهڙي شهر ۾ ، جتي ان وقت ۾ گرمي بلڪل نه هئي ، منهنجو نرڙ پگهر سان تر ٿي ويو آهي. پينٽ جي کيسي مان رومال ڪڍي نرڙ جو پگهر اگهيم. انهيءَ دوران عبدالله شادان اٿي بيٺو ۽ هن اٿي کي تعارفي جملا چيا. هن ٻه ٽي جملا ڳالهائي مس ختم ڪيا ، ته افغانستان جي پرڏيهي وزارت جي هڪ مترجم باز محمد ، جيڪو اسان سان گڏ هو ، تنهن اٿي انهن جملن جو اسان جي لاءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ٿي. افغانستان ٻن زبانن وارو ملڪ آهي ، جنهن جون ٻه قومي زبانون يعني پشتو ۽ فارسي آهن. پر ٻنهي زبانن جون پاڙون افغانستان جي معاشري ۾ صدين کان کتل آهن. ٻنهي مان ڪا به زبان نه ٻاهران در آمد ٿيل آهي ۽ نه هجرت جو ناٽڪ ڪيو اٿن. جن به تقريرون ڪيون ، تن يا پشتو ۾ ڳالهايو يا دري (DARRI) زبان ۾ ڳالهايو. افغانستان ۾ فارسي زبان کي دري چيو ويندو آهي. ۽ ترجمو ڪندڙن انهن زبانن ۾ ٿيندڙ تقريرن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ڪيو. پوءِ پتو پيو ته جن به پشتو يا دري ۾ تقريرون ڪيون ، تن کي بهترين انگريزي آئي ٿي. ان جو ثبوت ان وقت مليو ، جڏهن هنن اسان سان انفرادي طور ڳالهايو ٿي. پر هنن کي پنهنجي

زبانن تي ناز آهي. منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ پڻ ڪئين تمنائون ڪر موڙينديون ۽ ڪر موڙڻ ڪان پوءِ فوري طور ميڃنديون محسوس ٿيون. مون سوچيو تہ ڪڏهن منهنجي ديس ۾ منهنجي پنهنجي زبان کي اهو رتبو ۽ مان ملندو. مون پنهنجي پاڻ کي آس ۽ نراس جي وچ ۾ پڪڙيل ڪنهن وڏي برپٽ ۾، واريءَ جون پڻون لتاڙيندو محسوس ڪيو. پر آس تي سڄو جهان قائم آهي. پاڻ ئي پاڻ کي ڏڍ ۽ دلاسو ڏنم، تہ اهڙو بہ اندير نہ آهي، 'نيٺ تہ ڪاڪ ڪنندي، نيٺ تہ مومل ملندي.' جيڪڏهن مائوزيتنگ جو ستل شينهن (چين جو عوام) جاڳي سگهي ٿو، تہ ڇا لطيف ۽ سچل جي سنڌ نہ جاڳندي؟

عبدالله شادان جي تعارفي تقرير ڪان پوءِ، بارق شفيع تقرير ڪئي، جيڪا مختصر پر معلومات سان 'زرخيز' ۽ جامع هئي. هن جي تقرير ٽن حصن تي مشتمل هئي. پهرئين حصي ۾ هن افغانستان ۾ صحافت جي تاريخ بيان ڪئي ۽ افغانستان يونين آف جرنلسٽس جو تعارف ڪرايو. ٻئي حصي ۾ انقلاب ۽ امن جي قيام ۾ سندن يونين جي ڪردار جو ذڪر ڪيو. جڏهن تہ آخري حصي ۾ هن افغان انقلاب خلاف ٿيندڙ پروپيگنڊا جا وکاپڙ ا ڪيا.

مونکي اهو ٻڌي حيرت ٿي، تہ پاڪستان جي سڄي ملڪ جي تاريخ فقط ۴۲ سال آهي، جڏهن تہ افغانستان ۾ ڇپرو صحافين جي تاريخ ڏيڍ سئو سال پراڻي آهي. هن ڳالھ جي وضاحت ڪندي بارق شفيع چيو تہ افغانستان ۾ انقلاب ڪان اڳ صحافت سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ مٿاهان طبقن جي گهر جي گولي هوندي هئي، ۽ مٿين طبقن جي پروپيگنڊا جو دهل بڻيل هئي، جڏهن تہ ثور انقلاب ڪان پوءِ صحافت غريب ۽ پيڙهيل طبقن جي مفادن جي وڪيل بڻي، ۽ ان ۾ ترقي پسند رجحانات پيدا ٿيا. آءُ هڪ ڀيرو وري افغانستان ۾ صحافت جي تاريخ کي پاڪستان ۾ صحافت جي تاريخ سان ڀيٽڻ لڳس. افغانستان جي برعڪس اسان وٽ ڪنهن وقت صحافت هڪ مشن هوندي هئي، ۽ حق ۽ صداقت جي جدوجهد جو ٻيو نالو صحافت هو. پر هينئر جڏهن ڪان مير ۽ نظامي پيدا ٿيا آهن، ۽ هارون قارون بڻيا. تڏهن صحافت ڪارخانيداري ۽ دڪانداري بڻجي وئي آهي. ۽ اخبارون دڪان ۽ ڪارخانا آهن، جن ۾ سچ بدران ڪوڙ جوڙيو ۽ وڪرو ڪيو وڃي ٿو. ۽ انسان ذات جي دعائن بدران، اشتهارن حاصل ڪرڻ جي ريس لڳل آهي. هن وقت ان ڪوڙي صحافت جو نشانو سنڌ ۽ سنڌي قوم بڻيل آهي ۽ سنڌي قوم کي ٻن قسم جي دهشت گردن بندوق باز دهشت گردن ۽ قلم باز دهشت گردن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن تہ مقابلي ۾ سنڌي صحافي اڪثر جاهل ۽ ذهني طور ٿونٺو ۽ منڊو آهي.

بارق شفيع ٻڌايو تہ افغانستان يونين آف جرنلسٽس، سيپٽمبر ۱۹۸۰ع ۾ قائم ٿي. هن وقت يونين جا اوڻيھ سئو ميمبر آهن، ۽ سورنهن صوبن ۾ يونين جون سورنهن ڪائونسلون ڪم ڪري رهيون آهن. ڇپرو ڪابل شهر ۾ يونين جون ۲۱ بنيادي تنظيمون آهن. يونين جا ٻہ مک مقصد آهن، يعني سڄي دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ ۽ صحافين جي حقن لاءِ وڙهڻ. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ هيستائين ۷۵۰ صحافين کي ملڪ ڪان ٻاهر تربيت لاءِ موڪليو ويو آهي. صحافت بابت پشتو ۽ دري زبان ۾ ۲۵ ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. هن وقت افغانستان مان چار قومي اخبارون ۽ اٺ هفتيوار رسالا ۽ ۳۲ ماهوار رسالا شايع ٿين ٿا. هن ٻڌايو تہ افغانستان جي انقلابي پارٽي اخبارن ۽ رسالن تان حڪومت جي هڪ هٿي ختم ڪري ڇڏي آهي. چيو تہ صحافين جي يونين ۾ پي ڊي پي اي ڪان سواءِ ٻين نظرين وارا صحافي پڻ ميمبر آهن.

هن چيو تہ نہ فقط پي ڊي پي اي، پر افغانستان يونين آف جرنلسٽس امن جي داعي آهي. اسين جنگ جا دشمن ۽ امن جا مبلغ آهيون. هن انتهائي جذباتي ٿيندي چيو تہ اسان جنگ کي شڪست ڏيڻ ۾ دم پئينداسون. جنگ اسان جي ڪيترن ابهم ٻارن، ڪراڙن، زالن ۽ مردن کي شهيد ڪيو آهي. اسان جا هٿيار بند جوڌا، ميدانن تي جنگ خلاف جنگ جوٽيو بيٺا آهن ۽ اسين قلم ڪار، قلم ذريعي جنگ جون پاڙون پٽي رهيا آهيون.

هن شڪايت واري لهجي ۾ چيو، تہ "اسان کي افسوس آهي تہ اسان تي جنگ، اسان جي پاڙيسري مسلمان ملڪ پاڪستان مڙهي آهي."

هن اسان پاڪستاني صحافين کي مخاطب ٿيندي چيو تہ، "اسان کي اميد آهي تہ اوهين هتان هٿين خالي نہ ويندؤ، پر هتان پنهنجي عوام لاءِ امن، محبت ۽ دوستيءَ جي پيغامن جون جهوليون ڀري ويندؤ". هن چيو تہ، "اسين افغانستان جا صحافي خود پاڪستان اچي پاڪستان جي هم پيشي ڀائرن ۽ عوام سان هم ڪلام ٿيڻ چاهيون ٿا. اسان کي اميد آهي تہ اسان کي سٺي موٽ ملندي. ۽ اسين ۽ پاڪستاني عوام گڏجي جنگ جي باھ کي وسائينداسين."

مغرب ۽ ان جي اتحادي ملڪن جي ميڊياز ذريعي، افغان انقلاب خلاف پروپيگنڊا بابت دلچسپ انگ اکر ٻڌائيندي، بارق شفيع چيو تہ "ڇپرو گذريل ۲۴ ڪلاڪن دوران، وائس آف آمريڪا ڇھ ڪلاڪ. بي بي سي ٽي ڪلاڪ، وائس آف جرمني ۳ ڪلاڪ، پاڪستان ٻارهن ڪلاڪ، اسرائيل هڪ ڪلاڪ، ايران ٽي ڪلاڪ، سعودي عرب ٻہ ڪلاڪ ۽ قاهره ريڊيو چار ڪلاڪ اسان خلاف پروپيگنڊا ۾ صرف ڪيا. اهڙيءَ طرح گذريل ۲۴ ڪلاڪ دوران، انهن ميڊياز ۳۴ ڪلاڪ اسان تي پروپيگنڊا جي بمباري ڪئي." هن پاڪستاني صحافين کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "هاڻ اوهين خود افغانستان ۾ آهيو. توهان پاڻ ڏسو تہ اهو ڪيترو سچ آهي ۽ ڪيترو ڪوڙ آهي. توهان کي مڪمل آزادي آهي. توهان جيڏانهن وڃڻ چاهيو وڃي سگهو ٿا. جنهن سان ملڻ چاهيو ملي سگهو ٿا. ان سلسلي ۾ ڪا بہ جهل پل نہ آهي."

ان ڪان پوءِ، افغانستان يونين آف جرنلسٽس جي هڪ ٻئي عهديدار ۽ اخبار 'هفتہ' جي ايڊيٽر ظاهر طنيف پڻ مختصر خطاب ڪيو. افغاني صحافين جي تقريرن جي موٽ ۾، پاڪستاني صحافين جي وفد جي پاران، اپينڪ جي چيئرمن برنا صاحب پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان صحافين کي افغانستان جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ تي ٿورو مڃيو. هن چيو تہ پاڪستان جا ترقي پسند صحافي ۽ سياستدان، افغان انقلاب جا اتحادي آهن، ۽ سمجهن ٿا تہ اوهانجي ڪاميابي اسان جي ڪاميابي آهي. هن چيو تہ پاڪستان جي عوام ڪڏهن بہ حڪومت جي افغان پاليسي جي

Gul Hayat Institute

حمايت نہ ڪئي آهي. هن کان اڳ غير منتخب مارشل لا حڪومت هئي. پر هاڻ چونڊيل حڪومت آئي آهي. عوام کي يقين آهي، تہ چونڊيل حڪومت افغان پاليسي ۾ مثبت تبديلي آڻيندي. هن چيو تہ جيڪڏهن افغانستان جا صحافي پاڪستان اچن تہ اسان جون اکيون ٺڏيون ٿينديون. آءٌ اپينڪ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ توهان کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏيان ٿو ۽ پاڪستان واپس ورڻ کان پوءِ اها تجويز پنهنجن صحافي تنظيمن جي اعليٰ فورمن تي رکندس، ۽ مونکي يقين آهي تہ اسين رسمي طور توهان کي پاڪستان جي دعوت ڏينداسين ۽ ڪراچي ۾ توهان جي اعزاز ۾ شاندار استقباليہ ڏينداسين. مونکي يقين آهي تہ پاڪستان جو عوام هر هنڌ اوهانجو شاندار ۽ تاريخي استقبال ڪندو. اسين، هيترين سازشن جي باوجود اوهانجي امن دوستي ۽ پاڪستان دوستي کي سلام ڪريون ٿا. اوهين ۽ اسين سڀ امن جا سپاهي آهيون. پاڪستان جا صحافي، اخباري ڪارڪن، مزدور، هاري، شاگرد ۽ ترقي پسند سياسي ڪارڪن بہ توهان سان گڏ آهن. اسين اوهانجي ان نعري ۾ اوهان سان آواز ۾ آواز ملائي وڏي واڪ چئون ٿا تہ، اچو تہ گڏجي جنگ کي ناس ڪريون ۽ امن جا گهنڊ وڄايون.

جذبات ۾ اچي افغان صحافي اٿي بيٺا ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳا. موٽ ۾ اسين بہ اٿي بيٺاسين. اڪثر افغان صحافين جون اکيون آليون نظر آيون. هو پنهنجي جذبي تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هيستائين هنن تي جنهن ملڪ طرفان بم ۽ راڪيٽ ڪيرايا ويا هئا، اڄ ان طرف کان هنن کي امن ۽ دوستيءَ جي موٽ ملي هئي. جذباتي چوليون هڻندڙ سمنڊ ۾، اسان بہ پاڻ کي لڙهندي محسوس ڪيو. خبر نہ آهي ڪيستائين تاڙيون وڄنديون رهيون. تاڙين جي ان آواز ۾ ان وقت افغانستان ۾ پاڪستاني عوام جي امن جي گونج پڻ شامل هئي. تاڙيون بند ڪري ڊگهي ميز جي هن طرف کان افغاني صحافين اسان سان هٿ ملائڻ لاءِ هٿ ڊگهيريا. هن طرف کان اسان هٿ ڊگهيريا. اسين پاڪستاني صحافي ۽ افغاني صحافي هڪ ٻئي سان هٿ هٿ ۾ ملائي، خوشيءَ مان هڪ ٻئي جو هٿ لوڏيندا رهياسين. دوستيءَ جي اها ڪيفيت اڃان تائين نہ وسري سگهي آهي ۽ شايد سڄي زندگي نہ وسري سگهي.

جڏهن جذبن جي وير لٿي تہ عبدالله شادان مرڪي چيو، "اسين ٻئي ڏريون ايترو تہ جذبن جي ورچڙهي وياسين، جو اسان افغاني پنهنجي روايتي مهمانوازي بہ وساري ويٺاسين." هن شرمسار ٿي معذرت گهري ۽ ان ڊگهي ميز تي مختلف پليٽن ۾ سجايل بادامن، پستن ڪاڄن ۽ تازي ميوي کان سواءِ ڪيلين ۾ پيل گرين ٽي ڏانهن اشارو ڪيو. چيائين، "اسان چاهيون ٿا تہ وڌ کان وڌ وقت اسين ۽ اوهين گڏ هجون. من ان ئي بهاني ڪجھ وڌيڪ وقت پاڻ کي گڏ ملي پوي. تنهنڪري مهرباني ڪري وري پنهنجون سيٽون سنڀاليو ۽ ٿورو گهڻو اسان کي ان ننڍڙي ميزباني جو شرف بخشيو."

اسين واپس ڪرسين تي ويٺاسين. مون کي ڪٿي بہ ڪو ٽِيوالو نظر نہ آيو. اها ساڳي ڳالھ يورپ ۾ پڻ مون ڏٺي هئي، جرمني ۾ اسين جنهن بہ ڪانفرنس ۾ ويندا هئاسون، اتي اڳيئي ميزن تي ڪجھ سنيڪس، ٽس ۽ پيئڻ ۾ ، بيئر ۽ سيون اپ وغيرھ جون بوتلون رکيل هونديون هيون. ڪانفرنس جاري رهندي، جيڪڏهن ڪنهن کي ضرورت محسوس ٿيندي هئي، تہ بنا ڪنهن تڪلف جي، پنهنجو مناسب شوق پورو ڪندو هو. پر مون ان وقت سوچيو هو تہ اهو جرمني ۽ يورپ جو ائڊوانس ڪلچر آهي. باقي پاڪستان جهڙن پٺتي پيل ملڪن ۾، اڃان تائين ٽِيوالو ڪلچر ۽ 'يس، سر' ڪلچر عروج تي آهي. پر مونکي اهو ڏسي حيرت ٿي، تہ افغانستان ۾ ڀرين تقريب ۾ ٽِيوالي ڪلچر جا ڪي بہ اثرات نظر نہ آيا. پوءِ مون فوري طور محسوس ڪيو تہ اهي انقلاب جا اثرات آهن، جو افغان معاشرو ايتري ٿوري عرصي ۾ ايترو اڳيان وڌي چڪو آهي. ڪائڻ جا لوازمات پورا ڪرڻ کان پوءِ، اسين هيٺ لٿاسين، مختلف افغان صحافي اسان پاڪستاني صحافين سان ائين رلي ملي ويا جو ڄڻ اسين سالن کان هڪ ٻئي جا واقف هجون.

هيٺ لهڻ کان پوءِ، عبدالله شادان، بارق شفيع ۽ ٻين افغان صحافي ساٿين، هر هڪ پاڪستاني صحافي سان ڳلي ملي ۽ ڳل ڳل سان ملائي خدا حافظ چيو، ۽ چيائون تہ پنهنجون اڃان ڪئين ملاقاتون ٿينديون.

گاڏين ۾ وهڻ کان اڳ، اسان جو پروٽوڪول آفيسر عباس ڪرگر، وٽي اسان ڏي آيو ۽ واچ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين تہ، پروگرام مطابق هاڻ توهان کي دفاعي صورتحال بابت هڪ اهم بريفنگ ۾ شرڪت ڪرڻي آهي. پر ان ۾ اڃان ڏيڍ ڪلاڪ آهي. تنهن ڪري منهنجو خيال آهي تہ توهان کي ان هنڌ ڏانهن وٺي هلجي، جتي ڪلهہ 'توهان وارن مجاهدن' بہ راڪيٽ اڇلائي جيڪو عام ماڻهن جو نقصان ڪيو آهي، سو اوهانکي ڏيکارجي.

اسان سڀني ان راءِ جي تائيد ڪئي، جو اسان خود بہ اهو سڀ ڪجھ ڏسڻ چاهيو ٿي.

اسين گاڏين ۾ ويٺاسين، گاڏيون هڪ، هڪ ڪري يونين جي آفيس مان ٻاهر نڪتيون. سامهون ڳاڙهي پٿر واري ڪابل هوٽل جي عمارت نظر آئي. آءٌ چتائي ڪابل هوٽل کي ڏسڻ لڳس. انقلاب کان اڳ ڪابل هوٽل بابت ڪئين قصا ٻڌل هئا. چون ٿا تہ ڪابل هوٽل ٽورسٽن ۽ شوقينن جو پسنديدھ آستان سمجهي ويندي هئي. مون پنهنجي ير سان هڪ افغان دوست کان ڪابل هوٽل بابت پڇيو. چيائين، "هن وقت جيڪي پر ڏيهي صحافي هتي موجود آهن، تن جي اڪثريت ڪابل هوٽل ۾ رهيل آهي. گهٽائي صحافي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ان ڪري نہ رهندا آهن، جو هڪ تہ انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل وڌيڪ مهانگي آهي، ۽ ٻيو تہ اها شهر جي مرڪزي حصي کان ڪجھ پري آهي. جڏهن تہ ڪابل هوٽل ڪابل شهر جي وچ ۾ آهي."

گاڏيون منزل ڏانهن ڊوڙي رهيون هيون ۽ آءٌ گاڏيءَ جي شيشن مان رستن تان لنگهندڙ مردن ۽ عورتن جي چهرن تي خوف ۽ پريشاني جي اثرات کي تلاش ڪري رهيو هوس. مون سوچيو تہ هي ڪو عجيب شهر آهي، جنهن جي علائقي ۾ راڪيٽ ڪريا آهن. تباهي

Gul Hayat Institute

تي آهي، پر هيءَ ڏينهن شهر ۾ ماڻهن جي چرپر ۾ ڪو بہ فرق نہ پيو آهي، ۽ نہ ئي ماڻهن جي چهرن مان راڪيٽ جي حملن جا اثرات نظر اچن ٿا! مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو تہ هي ماڻهو مٽيءَ جا ٺهيل آهن يا پٿر جا؟ اوچتو منهنجي نظر ڊرائيور واري آرسيءَ تي وڃي پئي. مون جهڪي جيئن نهاريو تہ مونکي پنهنجي چهري تي ان ڊپ ۽ هراس جو پاڇو اڃان تائين چٽو نظر آيو، جيڪو آءٌ ڪراچي ۽ حيدرآباد مان پاڻ سان گڏ کڻي آيو هوس، ۽ دل مان ان ڊپ کي اڃان ٻاهر نہ ڪڍي سگهيو هوس تہ پويان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ دهشت گردن جي فائرنگ جو خبر نہ آهي ڪيترا ۽ ڪهڙا سنڌي نشانو بڻيا.

اوچتو گاڏيون وچ رستي تي بيهي رهيون. اهو هڪ رهائشي علائقو هو. چئني طرفن پنج، پنج ۽ ڇهہ ڇهہ ماڙ عمارتون نظر آيون، جن ۾ رهائشي فليٽ هئا. عباس ڪرگر سيني کي گاڏين مان هيٺ لهڻ جو اشارو ڪيو. هيٺ هڪ فوجي آفيسر اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. فوجي آفيسر اٽڪل ٢٥ سالن جو هو. هو اسان کي وٺي سامهون واري پيٽرول پمپ وٽ آيو ۽ چيائين، "هڪ راڪيٽ هتي اچي لڳو." هن پيٽرول پمپ واري عمارت جي ڇت جي هڪ حصي ڏانهن اشارو ڪيو جيڪا ڦاٽل هئي. فوجي جوان ٻڌايو، تہ "ان هڪ راڪيٽ سان انهيءَ ڇت کي ڪجهہ نقصان پهتو آهي، ۽ ٻيو تہ هتي بيٺل هڪ سولين گاڏي کي بہ نقصان پهتو، ۽ گاڏي ۾ ويٺل هڪ همراهہ زخمي ٿي پيو."

"جڏهن فوجي جوان اسان کي صورتحال کان بريف ڪري رهيو هو تہ، ان وقت رستن تان ماڻهو ڪارن ۽ سائيڪلن تي بنا روڪ ٽوڪ وڃي رهيا هئا. پر ماڻهن ۾ ڪو بہ هراس نہ هو. البت ڪجهہ ٻار پيٽرول پمپ ٻاهران گڏ ٿي ويا هئا ۽ اسانکي چتائي ڏسي رهيا هئا.

پيٽرول پمپ کي پهتل نقصان ڏسڻ کان پوءِ اسين وري اچي گاڏين ۾ چڙهياسين. گاڏيون فليٽن واري ايريا ۾ هڪ گهٽيءَ مان ٻي گهٽي ۾ داخل ٿي رهيون هيون. ان علائقي جو نالو مڪرويان آهي. ان علائقي ۾ جيڪي فليٽ آهن، سي انقلابي حڪومت روس جي مدد سان تعمير ڪرايا آهن. جن جو تعداد اٽڪل ٽيهہ هزار آهي. اهي فليٽ ٻي گهر ۽ ٻي پهچ ماڻهن کي نالي ماتر رقم تي ڏنا ويا آهن. اها رقم بہ انتهائي آسان قسطن ۾ وصول ڪئي پئي وڃي. اسان کي ٻڌايو ويو تہ ان قسم جا فليٽ شاهہ ظاهر شاهہ ۽ صدر دائود جي زماني ۾ پڻ تعمير ڪيا ويا، پر اهي فليٽ فقط سرندي وارائي خريد ڪري سگهيا. جڏهن تہ انقلابي حڪومت طرفان تعمير ڪرايل فليٽ فقط غريب ماڻهن کي ڏنا ويا، تہ جيئن ماڻهن جي اجهي جو مسئلو حل ڪري سگهجي.

اسان جون گاڏيون فليٽن واري هڪ عمارت اڳيان اچي بيٺيون. گاڏين مان لهڻ کان پوءِ افغان دوستن مٿي آخري ماڙ جي هڪ فليٽ واري دريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ، "هڪ راڪيٽ ان فليٽ تي ڪريو آهي." پڇيائين تہ، "مٿي هلندئو." اسان چيو، "هائو، اسين چاهينداسين تہ مٿي هلون."

مختلف فليٽن ۾ ڏوتل ڪپڙا سڪي رهيا هئا. هيٺ پارڪن ۾ ڪي ٻار ڪيڏي رهيا هئا. ڪي ٻار سائيڪلون هلائي رهيا هئا. زندگي معمول تي نظر آئي. ائين محسوس ٿيو ڄڻ تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هجي. هيٺ بيهندڙ اسان وارين گاڏين جا گهوگهٽ ڏسي، مختلف فليٽن مان عورتون، ٻار ۽ ٻڍڙا ليئا پائي، اسان کي ڏسي رهيا هئا. اسين ڪرگر جي قيادت ۾ ڏاڪڙيون چڙهڻ لڳاسين. آخري منزل تي بہ آمهون سامهون فليٽ هئا. مٿي ڇت مان ڏرڙ نڪتل هئا. اسين اڃا اتي مس پهتاسين تہ هڪ جوان افغاني عورت، جيڪا اسڪرٽ پاتل هئي، سا فليٽ جو در کولي اسان کي گهورڻ لڳي. ڪرگر هن کي دري زبان ۾ ٻڌايو تہ "هي پاڪستاني صحافي آهن، ۽ 'مجاهدن' جي هنيل راڪيٽ ڪري ٿيل نقصان ڏسڻ آيا آهن."

'لفظ پاڪستاني' ٻڌي پهرين تہ هن جي چهري تي ناگواري جون ريکائون ابري آيون، پر پوءِ پاڻ تي ڪنٽرول ڪري، اسان ڏانهن نهاريائين، ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهہ چوڻ لڳي. اسان جي افغان دوست ترجمو ڪندي ٻڌايو تہ هوءَ چوي ٿي تہ "توهين جن شرارتين کي پناهہ ڏيو ويٺا آهيو، تن راڪيٽ ان نيت سان اڇلايا تہ اسين سڀ ختم ٿي وينداسون. پر رب مونکي، منهنجي مڙس ۽ منهنجي ٻن ابهم ٻارن کي بچائي ورتو. البت،" هن طنز ڪندي چيو. "شرارتي مجددي ۽ سندس ساٿين کي مبارڪون ڏجو تہ اسڪول ٽيچر عاليا عمليءَ جي رڌڻي ۾ موجود فوجي هوائي اڏو مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويو آهي."

اهو ٻڌي اسين سڀ ٿڪ ڏيئي لڪڻ لڳاسين.

هوءَ هڪ اسڪول ٽيچر هئي ۽ سندس نالو عاليا عمليي هو. هاڻ هوءَ انتهائي جذباتي ٿي وئي ۽ اسان کي مخاطب ٿيندي چيائين، "آءٌ توهان کان ٿي پڇان تہ هيءُ ڪهڙو جهاد آهي؟ هنن ۾ ٿورڙو بہ شرم ۽ همٿ آهي تہ پنهنجي پاڻ، پيرن ۽ ٻچن تي راڪيٽ هڻن بدران، اسان جي انقلابي فوج سان مهاڏو اٽڪائين. پر هي بي شرم تہ پنهنجن ئي پاڻ، پيرن ۽ معصوم ٻچن تي راڪيٽ اڇلائي رهيا آهن. اها ڪهڙي بهادري آهي؟ ۽ اهو ڪهڙو اسلام آهي؟ ڇا اوهان جو پاڪستان هنن کي ان ڪري اسلح ۽ راڪيٽ ڏيئي رهيو آهي، تہ هو اسان جي ٻارن کي يتيم ڪن، ۽ اسان جو سهاڳ اجاڙين؟ هو اسان کي ڏيڇارڻ چاهين ٿا. پر ٻڌي ڇڏيو تہ ڪالهہ راڪيٽ ڪريو آهي، پر آءٌ، منهنجا ٻار ۽ منهنجو مڙس، ڪلهہ بہ هن فليٽ ۾ هئاسون، اڄ بہ هتي آهيون ۽ سڀاڻي بہ هتي هونداسين. مجددي ۽ سندس ساٿي تہ پنهنجو ملڪ ڇڏي سگهن ٿا، پر آءٌ ۽ منهنجا ٻار پنهنجو گهر نہ ڇڏينداسين."

هاڻ جذبات جي ڪري هن جي گلي مان مشڪل مان آواز نڪري سگهيو ٿي. هن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. ان دوران ڇهن سالن جي معصوم نينگري پاڻيءَ جو گلاس ڀري ٻاهر آئي، ۽ ماءُ کي ڏنائين. جيسين عاليا پاڻي پيتو، تيسين ننڍڙي نينگري شڪايت ڀرين نظرن سان اسان کي ڏسندي رهي. انهن نظرن ۾ شڪائتن ۽ احتجاج جا ڪئين راڪيٽ هئا، جيڪي اسان پنهنجو پاڻ تي وسندي محسوس ڪيا.

اسين انهن معصوم نظرن جو تاب نہ سهي سگهياسين ۽ مٿي ڇت ۾ ياپٽ ڏي تڪي ، انهن نظرن کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳاسين.

عاليا پاڻي پي ختم ڪيو. هاڻ وري هيو دور شروع ٿي ويو. هن پيري عاليا سڌو سنئون محترمہ بينظير ڀٽو جو نالو ورتو ۽ چيو تہ "اسان کي بينظير مان وڏيون اميدون هيون. جڏهن سندس پيءُ ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو هو ، تڏهن اسان بہ رنو هو. ان کان اڳ اسان ڪيتريون دعائون ڪيون هيون. تہ ڀٽو بچي پوي. سندس بہ پائر جڏهن بي وطن هئا ، تڏهن اسان هنن کي پنهنجي جيءُ ۾ جايون ڏنيون. اسان هر رات ۽ هر ڏينهن دعائون گهريون تہ بينظير وري حڪومت ۾ اچي. جڏهن هوءَ حڪومت ۾ آئي ، تہ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي. پر افسوس جي ڳالهہ آهي ، تہ اڄ بہ پاڪستان طرف کان اسان تي راڪيٽ اچن ٿا ۽ معصوم ماڻهو شهيد ڪيا وڃن ٿا. بينظير تہ عورت آهي. عورت تہ رحمدل ٿيندي آهي ، پر بينظير کي ڇا ٿي ويو آهي؟....."

عاليا وڌيڪ ڳالهائڻ چاهيو ٿي ، پر عباس ڪرگر هن کي فارسيءَ ۾ ڪجھ چيو ، ۽ هوءَ هڪدم ماٺ ٿي وئي.

ڪرگر اسان کان معذرت ڪئي تہ هوءَ جذباتي ٿي وئي آهي. توهان اسان کي معاف ڪندا." پر اسان پاڪستاني صحافين ڪرگر کي چيو تہ اسين عاليا کي ٻڌڻ چاهيون ٿا. هن کي نہ روڪيو وڃي.

عاليا اسان جي ڳالهہ سمجهي وئي ۽ پڳل ٽٽل اڙدوءَ ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو چوڻ شروع ڪيو ، "بينظير صاحبہ کي چئجو تہ تنهنجو بہ پنهنجو مڙس آهي ، ۽ تو کي بہ الله ٻچو ڏنو آهي. اسين دعاگو آهيون تہ الله تعالي تنهنجو مڙس ۽ ٻچو سلامت رکي. پر ڇا جيئن اسان جي مڙسن ۽ ٻچن کي شهيد ڪيو پيو وڃي ، ساڳي صورتحال توهان پنهنجي مڙس ۽ ٻچي لاءِ چاهيندا؟ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ انهن شرارتين جو هٿ روڪ ، جن جي تون مدد ڪري رهي آهين."

عاليا ڪافي ڪجھ چوڻ چاهيو ٿي. پر ڪرگر هن کي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيو. اسان جي مداخلت جي باوجود هن عاليا کي چيو ، تہ هوءَ پنهنجي فليٽ ۾ واپس هلي وڃي. ڪرگر پشيمانيءَ منجهان چيو تہ "افغانن جي ميزباني جون بہ تہ ڪي تقاضائون آهن. جيڪڏهن اسان وٽ آئي ايس ارو جنرل حميد گل بہ هلي اچي تہ اسين هن جي بہ عزت سان مهمان نوازي ڪنداسين."

انهيءَ ڪانپوءِ ڪرگر ٻئي فليٽ جي بيل وڄائي ، جتان هڪ ٻي عورت ٻاهر نڪتي. هن جو نالو منيره هو. سندس مڙس سلطان ابراهيم ، جيڪو سرڪاري ملازم هو ، هو اڃان ملازمت تان واپس گهر نہ آيو هو. منيره جيئن فليٽ جو در کوليو ۽ اسان تي نظر پيس تہ ڪجھ وقت لاءِ پريشان ٿي وئي. پر پوءِ ڪرگر ۽ ڪجھ ٻين افغان دوستن تي نظر پوڻ سان ، هنن کان پڇڻ لڳي تہ "ماجرا ڇا آهي؟"

ڪيس ٻڌايو ويو تہ هي پاڪستاني صحافي آهن ۽ ڪلھ قاتل راڪيٽ بابت توهان جا تاثرات معلوم ڪرڻ آيا آهن. هن جي چپن تي بہ طنزيہ مسڪراهٽ نمودار ٿي ، پر پوءِ ، فوري طور سنجيده ٿي ، اسان ڏانهن سوال طلب نگاهن سان ڏسڻ لڳي. اسين هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳاسين. اسان مان هر هڪ چاهيو ٿي تہ هو پاڻ نہ پر ٻيو ان افغان خاتون کان سوال پڇي. اسان جي نس نس ۾ ڪنهن لکل ڏوھ جو احساس سرڻ لڳو. آخر هنن کي مارڻ وارن هٿن جي پرورش 'اسين' ڪري رهيا هئاسون؟ شايد منيره اسان مڙني جا چهرا پڙهي ۽ مطلب سمجهي ورتو. هن خود ئي خاموشي ٽوڙي ۽ اسان کي مخاطب ٿيندي چيائين ، "اسين هنن راڪيٽن ۽ ميزائلن کان ڪونہ ٿا ڊڄون. وقت آيو تہ 'انهن' غدارن سان وڙهندڙن ۾ آءٌ بہ شامل هونديس. ڇو تہ هيءَ قومي جنگ آهي. شرارتي چون ٿا تہ هو روس خلاف جهاد ڪري رهيا آهن. پر هاڻ روس تہ ويو هليو. پوءِ هي جهاد ڪنهن جي خلاف آهي؟ جيڪڏهن هي 'مجاهد' آهن تہ پوءِ اسان جي فوج سان ڇو نہ ٿا وڙهن. اسان جي بهادر فوجن هنن کي جلال آباد ۾ ڪهڙي نہ عبرتناڪ شڪست ڏني ، جو اتان تہ ڀڄي ويا. پر هي بزدل آمريڪا کان هٿيار وٺي ، رات جي اونداھ ۾ اسان جي گهرن تي اڇلائين ٿا. پر هي ڪڏهن ڪامياب نہ ٿيندا ڇو تہ هاڻ هو پنهنجي قوم جي معصوم ۽ غريب ماڻهن کي قتل ڪري رهيا آهن ، ۽ عوام کي ڪوبہ شڪست نہ ٿو ڏيئي سگهي."

هوءَ اها سڄي ڳالهہ يڪ ساهي چئي وئي. هن ساھ پٽيو تہ اسين جيڪي هن جي ڳالهہ نوٽ ڪري رهيا هئاسين ، پنهنجو ن پينون ۽ نوٽ بوڪ کيسن ۾ وجهي ، پٺي ورائي جيئن هيٺ لهڻ لڳاسين ، تہ هن وري فارسي ۾ ڪجھ چوڻ شروع ڪري ڏنو ۽ افغان دوست ، باز محمد ان جو ترجمو انگريزي ۾ ڪرڻ لڳو. اسان وري نوٽ بوڪ ڪڍيا ۽ نوٽس وٺڻ لڳاسين. اسان هن ڏانهن نهاريو ، هوءَ مرڪي رهي هئي ۽ چيائين ، "وڃو ڪيڏانهن ٿا. او هين پاڪستاني آهيو نہ؟ ڇا پاڪستاني قوم ۽ گمراھ ٿيل افغانين لاءِ جنگ زده هن افغاني ڀيڻ جو پيغام بہ نہ کڻي ويندؤ؟ ٻڌو ، توهان اسان سان جنگ جوٽي آهي. پر اسين توهان سان وڙهڻ نہ ٿا چاهيون. اسين امن چاهيون ٿا ، تو هين بہ جنگ بند ڪريو ۽ امن جي ڳالهہ ڪريو. جنگ ڏاڍي خراب ڳالهہ آهي. جنگ جا نقصان اسان کان پڇو. ان ڪري اسان طئي ڪيو آهي تہ ڇا بہ ٿي پوي ، پر اسين جنگ خلاف جهاد ڪنداسين. جيئن هن سموري علائقي ۾ امن ئي امن هجي. اسين جنگ جو نالو نشان ميٽڻ چاهيون ٿا. تو هين پاڪستاني قوم کي اسانجو نياپو ڏيو تہ ، تو هين بہ اسان سان گڏجي امن لاءِ جنگ جوٽيو. ڇو تہ جنگ انسان ذات جي دشمن آهي. جنگ اسان جا ڪيترا ابهم ٻار ڪُٺا آهن ۽ ڪيترين عورتن جا ور شهيد ٿيا آهن. اسان جا شهر تباھ ڪيا آهن. اسان دنيا جي ٻئي ڪنڊ تائين جنگ جو پيڇو ڪنداسين. اسان افغاني 'جنگ جو' قوم آهيون. هن ڀيري جنگ افغانين سان هٿ اٽڪايو آهي. ڪيس شايد خبر نہ آهي ، افغاني ڪهڙي سخت جان قوم آهن."

اسان وٽ وٺڻ بند ڪري ، حيرت زده ٿي مخاطب ٿيندڙ افغاني خاتون کي تڪڻ لڳاسين. اسان کي اهو محسوس ٿيو تہ اسان سان ڪا عام افغاني خاتون نہ ، پر ڪا وڏي شاعره ، اديبہ جنگ خلاف ڪو شعر پڙهي رهي هجي يا ڪو ليڪچر ڏيئي رهي هجي. هن چيو تہ "حيران ٿيڻ جي

Gul Hayat Institute

ڪابہ ضرورت ناهي. توهان کي افغانستان جو ٻچو ٻچو امن جو پروانو ڪنيو نظر ايندو ۽ جنگ خلاف ساڳئي قسم جون ڳالهيون ڪندي ملندو."

جڏهن ان افغاني عورت سان ڳالهيون ختم ڪري ڏاڪڻيون لهي رهيا سين، تڏهن اسان مڙني جا ڪنڌ شرم کان جهڪيل هئا. مون کي ائين محسوس ٿيو تہ اسين ان پاڪستاني فوجي ٽنالين ۾ شامل هئاسين، جن جنرل نيازي جي سربراهي ۾ ڍاڪا جي هٿ مان نڪري وڃڻ کان پوءِ، جنرل اروڙا جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا هجن.

اسين شڪت ڪاڌل سپاهين وانگر آهستي آهستي ڏاڪا لهي، خبر نہ آهي ڪيئن هيٺ پهتا سين. مونکي خبر نہ آهي تہ بنگالي جوانن جي رت مان هٿ رنگيندڙن، هٿيار ڦٽا ڪرڻ وقت شرم ۽ ندامت محسوس ڪيو هو يا نہ، پر اسان جي حالت ڏاڍي خراب هئي. ائين محسوس ڪيو سين تہ جيڪڏهن زمين ڦاٽي پوي تہ ان ۾ گهڙي وڃون. جنگ کان متاثر ٿيل ان عورت اسان کي جيڪي امن جا چهبڪ واهيا هئا، تن جا نشان شايد پاڪستاني قوم جي بدن تان صدين تائين بہ نہ ميٽجي سگهن. سنڌي پاڻ مظلوم آهي، انسان دوست آهي ۽ سچائي پرست آهي. منهنجو جيئڻ تہ ان سنڌي قوم سان تعلق آهي، تنهن ڪري منهنجو ذهن ان سچي روداد ٻڌڻ سان انتهائي گهڻو متاثر ٿيو هو. مونکان پنهنجي سنڌي قوم جا ڏک بہ وسري لڳا. مون محسوس ڪيو تہ اسان سنڌين جو فرض آهي تہ پهرين پنهنجن انهن افغان ڀائرن جي دلجوئي ڪريون.

مون دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ پاڪستان ورڻ کان پوءِ سنڌ ۾ هر سنڌ دوست ۽ انسان دوست سنڌي اديب ۽ شاعر جي در تي ويندس. اياز کان تنوير تائين ۽ امداد کان سرويچ تائين، هرهڪ جي اڳيان جهول جهلي هنن کي منٿ ڪندس، تہ في الحال سنڌ جا گيت چوڻ روڪي، افغانستان وڃو. آخر پاڙيسرين جو بہ تہ ڪو حق آهي. پاڙا نبين کي بہ پيارا آهن. اڄ افغان قوم رت ۾ وهنتل آهي. رت جي ان راند ۾ ان سڏيءَ طرح ئي صحيح، پر اسان جو دامن بہ پاڪ نہ آهي. تنهن ڪري افغان قوم جي ڏڪويل دلين کي ڪوڏڪو ڏيو. ڪي گيت ڪي نظم، ڪي قطعا ۽ ڪي وائون ڳائي انقلابي افغانستان سان سنڌي قوم جي يڪجهتي ۽ ٻڌيءَ جو اعلان ڪريو.

ذهن ۾ اهي سوچون ڪٺي جئين عمارت کان ٻاهر نڪتاسون، تہ عبدالمجيد چاپرا ڊوڙي وڃي پريان بيٺل انڪل ستن سالن جي هڪ ٻار کي ڳراٽڙي پاتي ۽ ڪرگر کي گذارش ڪئي تہ "هن کان پڇي تہ ڪالهہ هتي راڪيٽ ڪيئن ڪريو."

ٻار ڪوبہ جواب نہ ڏنو. هن جي اکين مان اسان لاءِ نفرت ۽ راڪيٽ جي ڪرڻ وارو ڊپ جهلڪي رهيو هو. اسين اڃان ٻار کي پيار ئي ڪري رهيا هئاسين، تہ ڪرگر وڏي آيو ۽ چيائين تہ "مهرباني ڪري هاڻ گاڏي ۾ چڙهو جو پريس بريفنگ جو ٽائيم ٿي ويو آهي. تنهن لاءِ هاڻ پاڻ سڌو پريس سينٽر هلنداسين."

اسين جيئن گاڏين ڏانهن وڌڻ لڳاسين تہ شاديءَ جا ڪپڙا پاتل، تازو شادي ڪيل هڪ خوبصورت جوڙو هڪ، ٻئي جي چيلهہ ۾ هٿ ڏيئي، لنگهندو نظر آيو. افغان بہ عجيب قوم آهي. راڪيٽ جا حملا هنن جو ڪجهہ بہ تہ نہ بگاڙي سگهيا آهن! هر ڳالهہ معمول مطابق ئي تہ آهي. ٻار پڙهڻ وڃڻ پيا. محبوب شاديون ڪن پيا، ۽ ٻار سائيڪلون هلائڻ سکن پيا. منهنجو يقين پڪو ٿيڻ لڳو تہ افغان انقلاب کي شڪست ڏيڻ ناممڪن آهي.

اسين گاڏين ۾ چڙهي پريس سينٽر ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ۾ اسان گاڏيءَ ۾ ويٺل افغان دوست باز محمد ۽ غلام حسين کان پڇيو تہ "چا راڪيٽ روز شهر تي ڪرندا آهن؟ ۽ انهن جو توهان ڪهڙو بلو ڪيو آهي؟"

هنن ٻڌايو تہ شروع شروع ۾ شرارتي (مجاهد) شهر اندر ٽائيم بم وغيره ذريعي تباهي ڦهلائيندا هئا. ۽ 'شب نامہ' جي نالي سان انقلاب خلاف پمفليٽ لکي، ڳجهہ ڳوهہ ۾ ورهائي ماڻهن ۾ انقلاب خلاف منافرت ڦهلائيندا هئا. پر عوام جي تعاون سبب، حڪومت انهن عناصر جو مڪمل صفايو ڪري ڇڏيو. هاڻ ڪيترن سالن کان هو شهر جي اندر ويهي ڪابہ سرگرمي نہ ڪري سگهيا آهن. ان کان پوءِ هنن اها حڪمت عملي اختيار ڪئي، جو رات جي اونداهہ ۾ ڪابل جي چوڌاري پهاڙن پويان، راڪيٽ فڪس ڪري هليا ويندا آهن، جيڪي پوءِ مقرر وقت تي ڇُٽندا آهن. پر جيئن تہ انهن راڪيٽن جو ڪو ٽارگيٽ نہ هوندو آهي، ۽ انهن کي بلائينڊ راڪيٽ چيو ويندو آهي، سي يا تہ پهاڙن تي يا شهرن ۾ عام ماڻهن جي گهرن ۽ بازارن ۾ اچي ڪرندا آهن ۽ ڪيترو انساني، جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو آهي. پهرين اهي راڪيٽ ٢٠ ڪلو ميٽرن جي ريڊيس (Radious) مان فائر ڪيا ويندا هئا. پر پوءِ افغان فوج ملٽري آپريشن ڪري، ٢٠ ڪلو ميٽرن واري فاصلي کي ان قوم جي سرگرمين کان آجو ڪرائي ورتو ۽ ڪابل شهر جو سيڪيورٽي بيلٽ (SECURITY BELT) ٢٠ ميٽرن تائين قائم ڪيو ويو. ان کان پوءِ هنن ٢٥ کان ٣٠ ڪلو ميٽرن فاصلي تان راڪيٽ ڇڏڻ شروع ڪيا. افغان فوج وري ٻيو آپريشن ڪيو ۽ ڪابل جو سيڪيورٽي بيلٽ ٢٥ کان ٣٠ ڪلو ميٽرن تائين وسيع ڪري، ان حد تائين ڪابل جو دفاع محفوظ بنايو ويو. ان کان پوءِ وري ٽيون آپريشن ڪيو ۽ هاڻ سڪيورٽي بيلٽ ٣٥ ڪلو ميٽرن جي ريڊيس ۾ آهي، ۽ ان فاصلي تي افغان فوج جون فوجي دفاعي چوڪيون آهن. ان کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ راڪيٽن جو سلسلو بلڪل بند ٿي ويو. پر هاڻ جڏهن کان آمريڪا 'مجاهدن' کي اسٽنگر ميزائيل ڏنا آهن، جيڪي ٣٥ کان ٤٠ ڪلو ميٽرن تائين مار ڪري سگهن ٿا، هاڻ وري راڪيٽن سان حملي جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي.

(هلندڙ)

جي وَر چڙهندو آهي. يعني ايڊيٽرن، ناشرن، پروف ريڊرن ۽ دُڪاندارن جي ور چڙهندو آهي. انهن ڌرين جي وچ ۾ ڪتاب ٽڏبو، وڍبو ۽ وڃابو رهندو آهي. جيڪو اهو ڪتاب تخليق ڪندو آهي، اُهو اڪيون ڦاڙي ڏسندو رهندو آهي.

ڌرين جي پاڻ ۾ گفتگو هن ريت ٿيندي آهي.

ايڊيٽر: ڪتاب ۾ ڪوبہ توازن ناهي. پڙهندڙ هڪڙي شيءِ ٿا گُهرن تو ٻِي شيءِ لکي آهي. تو بہ ڪتاب لکي، انهن کي پاڻ ۾ گڏيو آهي. پڙهندڙ کي سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو.

ليکڪ: نہ سائين ائين ناهي. مون ڪتاب تہ هڪڙي خاندان متعلق لکيو آهي، پر انهيءَ ۾ رنگارنگي پيدا ڪرڻ لاءِ ٻئي خاندان جون ڪهاڻيون بہ شامل ڪيون اٿم.

ايڊيٽر: اها تو واري رنگارنگي ئي تہ تنهنجي ڪتاب کي سست رفتار بنايو بيٺي آهي. اهو ڪتاب پڙهندڙن کي سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو.

ليکڪ: آءٌ ڇا ڪريان ڪتاب جي نوعيت ئي اهڙي آهي. پر تو کي ڪهڙي قسم جي تيز رفتاري ٿي کپي؟

ايڊيٽر: لکندي لکندي هڪڙي هنڌ بيهو رهين ۽ الله سائينءَ جي باري ۾ ڊگها بحث ڇيڙيو ويهو رهين.

ليکڪ: اهو تہ ڪيو اٿم. خبر ناهي ڇو؟ دل چيو هوندو تڏهن ڪيو هوندو. شايد آءٌ غلط هوندس.

دڪاندار: ڪتاب وڏو آهي. اگهہ چڙهيل آهن. هي ڪتاب اسان کي پنجن ڊالرن ۾ وڪڻو پوندو. ماڻهن ۾ پنجن ڊالرن ڀرڻ جو دم ڪونهي. ماڻهو هيءُ ڪتاب خريد ڪري نہ سگهندا.

ليکڪ: اڳئين ڪتاب ڀيري تو چيو تہ ڪتاب ننڍو آهي، انهيءَ ڪري ماڻهو وٺندائي ڪونہ.

پروف ريڊر: ڪتاب ۾ خال رهيل آهن. گرامر صحيح ناهي. فلاڻي صفحي تي تو لکيو آهي تہ هڪڙو ڪردار World Almanic ۾ سامونڊي جهازن جا اگهہ پيو جانچي. ڀلا World Almanic ۾ سامونڊي جهاز جا اگهہ ڪٿان آيا! مون سڄو ڪتاب جانچي ڏٺو آهي. ٽئين ڇيني سال جي تاريخ بہ غلط لکي اٿئي. ڪردارن جي پاڻ ۾ ڪابہ موافقت ناهي. ليزا جي طبيعت هڪڙي لکي اٿئي، سندس ڪم وري سندس ڪردار جي اُبتڙ آهن.

ايڊيٽر: ڪيٽيءَ کي تو تمام خراب ڄاڻايو آهي. ان ڪري ماڻهو اعتبار ئي نہ ڪندا. سام هيملٽن کي وري ايڏو ڀل ماڻهو ڄاڻايو اٿئي جو انهيءَ تي بہ پڙهندا اعتبار نہ ڪندا. تنهن کان سواءِ ائرش ماڻهو ائين ڳالهائيندائي نہ آهن، جيئن تو لکيو آهي.

ليکڪ: پر منهنجو ڏاڏو آئرش هو. اُهو ائين ئي ڳالهائيندو هو.

ايڊيٽر: ها، پر اعتبار ڪير ڪندو.

ٻيو ايڊيٽر: ۽ جيئن تو ٻارن کان ڳالهرايو آهي. ٻار ائين ٿورئي ڳالهائيندا آهن.

ليکڪ: (ڪاوڙ ۾ اچي) خدا جي ڪا مار پوي. هيءُ ڪتاب مون لکيو آهي. منهنجي مرضي آهي جيئن ٻارن کان ڳالهرايان. بس رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ هيءُ ڪتاب ڇاپيو ٿا يانہ.

ايڊيٽر: ڏسون ٿا. ڪم کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ايترو گهٽو ڪم ناهي، ٿي ويندو. ڀلا تو کي ڪتاب سٺيءَ حالت ۾ کپي يا نہ؟ ڪتاب جي پڇاڙي تہ پڙهندڙن کي سمجهہ ۾ نہ ايندي.

ليکڪ: تو کي سمجهہ ۾ اچي ٿو؟

ايڊيٽر: مونکي تہ اچي ٿي پر پڙهندڙن کي نہ ايندي.

سو منهنجا يار ماڻهو شاندار شيءِ هٿ ۾ ڪٺي نڪرندو آهي ۽ جڏهن موٽندو آهي تہ ٻئي هٿ گند ۾ ڀريل هوندا اٿس.

هاڻي ٿورو وڇائين ٽئين ڏر سان بہ ملي ڇڏجڻ گهرجي، جنهن کي پڙهندڙ چيو ويندو آهي.

پڙهندڙ ايڏو اڻ مغز هوندو، جنهن تي اعتبار ڪرڻ ئي اجايو آهي.

پڙهندڙ ايڏو هوشيار هوندو آهي، جو ذري جي غلطي بہ معاف نہ ڪندو آهي.

پڙهندڙ ننڍا ڪتاب خريد نہ ڪندو آهي.

پڙهند وڏا ڪتاب خريد نہ ڪندو آهي.

پڙهندڙ ڪجهہ جينئس ۽ ڪجهہ ديئٽ هوندو آهي. شڪ آهي تہ شايد پڙهندڙ کي پڙهڻ ايندو ئي ناهي.

نوبل پرائيز (ليکڪ کي بہ نوبل پرائيز مليل آهي) وٺڻ کان پوءِ اديب لکڻ جي ڪم کان صفا هليو وڃي. اِهو انعام ليکڪ کي رٽائر ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. دراصل ليکڪ کي اهو ڄاڻائو هوندو آهي تہ هاڻي تنهنجو وارو ڇمارو پورو ٿيو ۽ پنهنجي باقي حياتي اِنهيءَ انعام جي سهاري گذاري ڇڏ ۽ ٻيون بهادريون ڇڏي ڏي. انعام وصول ڪرڻ کان پوءِ ليکڪ کان ڄاڪوڙ نہ پهچندي آهي، البت ليکڪ صاحب وڏو ماڻهو بڻجي ويندو آهي. ڪيس جيترا گهڻا ٻلا ڇاتيءَ تي لڳندا ويندا، او ترو ئي لکيون ويچاريون گهٽبيون وينديون. انهيءَ ڊپ وچان مون بار ايٽ لاءِ جي ڊگري وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو آءٌ نہ اڪيڊمي آف ليٽرس کان پري رهندو آهيان، جيتوڻيڪ مون کي اڪيڊميءَ جو ميمبر بہ ٺاهيو هئن. اهڙيءَ طرح پلزر پرائيز جا پئسا بہ ڏٺين کي واپس موٽائي ڏنم.


سنڌ ۾

سهڻي

ملي سگهي ٿي.

ايم-اشرف ٻگهيو
نيوز ايجنٽ سيتا روڊ.
منوج بڪ اسٽور
گهوٽڪي.

رميش لال نارنگ.
اشوڪ ميڊيڪل اسٽور،
ڪنڌڪوٽ


Gul Hayat Institute

# مون پڙهيو

کتاب: **جن جهونا ڳرڻ جلايو**
ليکڪ: رسول بخش پليجو
ڇپائيندڙ: سچائي اشاعت گهر - دڙو
صفحا: ٦٠ - ٦١ - ٦٢

سنڌ کي غلام بنائيندڙ يوناني هجن يا عرب، ارغون هجن يا ترخان، مغل هجن يا انگريز، سنڌي عوام جي هر حصي، هر دؤر ۾، هر وقت ۽ هر هنڌ سامراجين سان حياتي موت جا مقابلا ڪيا. هر قبيلي، ذات ۽ مذهب جي سنڌين ان جدوجهد ۾ پنهنجو پنهنجو فرض ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.

سنڌ جي سوين قبيلن پنهنجا سر وطن تان گهوري، سنڌ جي تاريخ ۾ امرجڳه حاصل ڪئي آهي. ڪولهي بہ انهن سرفروش ۽ وطن دوست قبيلن ۾ شامل آهن. وطن دوست ڪولهين جي تاريخي ڪارنامن ۾ سڀ کان شاندار ڪارنامو آهي، ننگرپارڪر ۾١٨٥٩عواري بغاوت.

١٨٥٧ع واري آزاديءَ جي جنگ جي ناڪاميءَ کان پوءِ انگريز غلام بنائيندڙ سامراجين جو من هيڪاري وڌي ويو ۽ هنن سڄي هندستان جي وطن دوستن ۾ ہاڪر ڪٿو وجهي ڇڏيو. هنن بہ سڄي سنڌ سان گڏ ٿرپارڪر ۾ بہ سنڌين کي ڏاڍو تنگ ڪيو. ٿرپارڪر جي سنڌين جي غيرت انگريزن جا روزبروز وڌندڙ ظلم برداشت ڪري نہ سگهي ۽ هو بغاوت جون تياريون ڪرڻ لڳا. اپريل ١٨٥٩ع ۾ ١٨٥٧ع واري بغاوت جو هڪ زبردست شعلو وري ڀڙڪي اٿيو ۽ ڪولهي گوريلا فوجين١٨٥٩ع تي ننگرپارڪر تي حملو ڪري، انگريزي ٽيليگراف آفيس، خزاني، پوليس ۽ فوجي هيڊڪوارٽر تي قبضو ڪري ورتو. اهڙيءَ ريت هنن ننگرپارڪر ۽ سڄي ٿرپارڪر مان انگريزن کي ڀڄائي پنهنجو راڄ قائم ڪري ورتو.

انگريزن جون ان وقت آسپاس ڪيتريون ئي فوجي ڇانوڻيون هيون، پر انگريز فوجي هاءِ ڪمان ان نتيجي تي پهتي، تہ انهن مان ڪنهن بہ ڇانوڻي جي فوج، اڪيلي سر فوجي وطن دوست گوريلا دستن کي منهن ڏيئي نہ سگهندا. تنهن ڪري هنن سڄي سنڌ توڙي ڪڇ جي فوجي، ڇانوڻين جي پوليس ۽ فوج ڪٺي ڪئي. اپر سنڌ مان ڪيپٽن ٽروٽ (تروٽ) جن ٦٠٠ ليوي پوليس، حيدرآباد مان ٽين بلوچ ريجمنٽ ۽ ڪراچي مان توبخاني جي فوج، ڪڇ جي رسيا واري فوجي ڇانوڻيءَ مان پيدل ۽ گهوڙي سوار فوجن کي ننگر پارڪر تي حملي لاءِ گڏ ڪيو ويو. ٣مئي ١٨٥٩ع تي سمورين گڏ ٿيل فوجن گڏجي ننگرپارڪر تي حملو ڪيو ۽ سخت مقابلي کان پوءِ وطن دوست ڪولهي گوريلا دستا مقابلو جاري رکڻ لاءِ، ننگرپارڪر ڇڏي ٻين هنڌن ڏانهن روانا ٿيا. مهينن جا مهينا مقابلو جاري رهيو، آخر حاڪم طبقي جي غداريءَ جي ڪري انگريز ٿرپارڪر کي پنهنجو غلام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. انهيءَ بغاوت ڀيملي ڪولهي ۽ سندس زال جهڙا سرويچ هيرا پيدا ڪيا، جن کي ڪوبہ ايذاءُ، ڪابہ دهشت، وطن سان غداري ڪرڻ تي مجبور ڪري نہ سگهي. انهن جا داستان سنڌ جي گيتن، ڪهاڻين ۾ زنده ۽ امر آهن.

## هن مهيني جي شخصيت

# ڪرشن کٽواڻي

**مائٽاڻو نالو:** ڪرشن عيدنداس کٽواڻي

**ادبي نالو:** ڪرشن کٽواڻي

**جـم:** نومبر ۱۹۲۷ع هنڌنارو شاهه (ضلعو نوابشاهه)

**تعليم:** اسڪولي تعليم ڪراچيءَ ۾ ، ڪاليجي تعليم شانتي نيڪيتن

**ڇپيل ڪتاب:**

سياسي مدبر (جيونيون) (۱۹۴۴ع)
ننڍل تارون (ڪهاڻيون) (۱۹۴۴ع)
وندريءَ ۽ ٻيون ڪهاڻيون (ڪهاڻيون)
امرپيار (ناول) (۱۹۶۱ع).
منهنجي مٽي سنڌ (ناول) (۱۹۶۲ع)
آشيانو (ناٽڪ) (۱۹۷۳ع)
مٽي تونه سڃاتو (ڪهاڻيون) (۱۹۷۳ع)
ياد هڪ پيار جي (ناول) (۱۹۷۸ع)
وٿرٽ زندگيون (ناول) (۱۹۷۸ع)
پرديسڻ (ڪهاڻيون) (۱۹۸۰ع)
اڪيلي (ڪهاڻيون) (۱۹۸۰ع)
جياپي جو ساڌن (ڪهاڻيون) (۱۹۸۵ع)
ست ڏينهن (ناول) (۱۹۸۵ع)
رات ڪي گذرڻ نه ڏي (شعر) (۱۹۸۵ع)
هڪ ڏکهي سانت (شعر) (۱۹۸۸ع)

**صحافتي تجربو:** ڪونج بمبئي جو 'گوبند مالهي' پرچو ايڊٽ ڪيل

**ٻيا لاڙا:** پينٽنگ ۽ سنگيت سان لڳاءُ

**انعام:** 'آشيانو' (ناٽڪ) سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا بمبئي طرفان انعام 'ياد هڪ پيار جي' (ناول) ساهتيه اڪيڊمي جو انعام ۽ مڌيه پرديش پاران 'سامي پرسڪار' حاصل ڪيل. 'اڪيلي' (ڪهاڻي ڪتاب) سينٽرل هندي ساهتيه اڪيڊمي جو انعام حاصل ڪيل.

**اعزاز :** ساهتيه اڪيڊمي (سينٽرل) ۽ هندي ڊائريڪٽوريٽ جي صلاحڪار ڪاميٽيءَ تي ، مڌيه پرديش ساهتيه پريشد ۾ سنڌيءَ جو عيوضي.

Gul Hayat Institute

# ڪرشن کٽوائي جو نئون نظم

تنامين اسڪوائر ۾
تنامين اسڪوائر ۾ اڄ
ماريا ويا آهيون، تون ۽ مان،
جڏهين اسان، جوان هئاسين،
ڪئين ڏهاڪا،
پتيتن اندر پاڻ لڪائي
اسين مئل زندگي
جي رهيا هئاسين،
اسين وري ڄاوا آهيون اڄ،
ڪنهن ٻئي ملڪ ۾،
ڪن ٻين جي جسمن ۾،
اسين اڄ مري،
وري زنده ٿيا آهيون،
وري نه مرنداسين، اسين،
سدا زنده رهنداسين،
پنهنجي پوين جي
آزاد روحن ۾.

Gul Hayat Institute


سُهڻي

فلسطين
ءِ فلسط

تون مون تي سختي ڪري سگهين ٿو.
مون کي صليب تي چاڙهي سگهين ٿو
مونکي اوڙاهه ۾ وجهي سگهين ٿو
۽ منهنجي هڏن جي خاڪ کي.
زمين لاءِ ڀاڻ بنائي سگهين ٿو.
منهنجي خاڪ کي
منهنجي وطن جي
پاڪ مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏ.
اڄ مان قيد آهيان
پر هميشه ته نه رهندس.

انيسہ مجيد



Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

# آرسي

## ويناشرنگي

| | |
|---|---|
| ١- ڄم جي تاريخ ( سال پلي نہ ٻڌايو ) | ١_ Feb: 16 |
| ٢- Zodiac نشان ؟ | ٢_ aquarious |
| ٣- هند ۽ سنڌ ۾ ڪهڙو فرق محسوس ٿيو ؟ | ٣_ هند هند آهي_ سنڌ سنڌ آهي. |
| ۴- سنڌ ۾ اچڻ ڪيئن لڳو ؟ | ۴_ سهڻو! ذهني سڪون مليو. |
| ۵- ڇا دل چاهي ٿي هند نہ وڃجي ، سنڌ ۾ ئي رهجي ؟ | ۵_ جسم هند ۾ آهي، روح سنڌ ۾ آ. |
| ٦- اڪيلو زندگي گهارڻ ڪيئن ٿو لڳي ؟ | ٦_ اگر زندگي اڪيلي هجي تہ نہ_ مون سان منهنجو ورثو ۽ امڙ جي لولي آ! |
| ٧- ڪڏهن اِهو احساس ٿيو تہ زندگي ائين نہ گذارڻ گهرجي ها ؟ | ٧_ بلڪل نہ! اگر موجوده زندگي نہ هجي ها تہ روح تڙپي اُٿي ها. |
| ٨- محبت ڪنهن سان اٿوَ ؟ | ٨_ امڙ سان. |
| ٩- وڻندڙ شخصيت ؟ | ٩_ مارئي. |
| ١٠- نفرت ڪنهن سان اٿوَ ؟ | ١٠_ عورت جو احترام نہ ڪندڙ، ذهني عصمت فروشن ۽ ٻولي ۽ تهذيب جي استحصالي ٽولي سان. |
| ١١- غمگين لمحا ڪيئن گذاريندا آهيو ؟ | ١١_ لطيف سائين جي پيغام کي اڳيان رکي. |
| ١٢- ڇا ڏاڍو ٿو وڻي ؟ | ١٢_ محتاجن جي مدد ڪري. |
| ١٣- عزت ڪنهن جي يا ڪِن جي لاءِ اٿوَ ؟ | ١٣_ پنهنجن درويشن ۽ ماءُ پيءُ لاءِ. |
| ١۴- ڇا ڏاڍو ٿو وڻي ؟ | ١۴_ قدرتي نظارا ۽ معصوم ٻارن جي مرڪ. |
| ١۵- ڇا لکي_ يا ڇا ڪري فخر محسوس ٿيو ؟ | ١۵_ حق ۽ انصاف جي ڳالھ ڪري_ سنڌي سڏائيندي. |
| ١٦- ڪهاڻيون ۽ شعر_ لکڻ ڪهڙو سولو ؟ | ١٦_ ڪوبہ نہ؟ جڏهن شدت سان امنگ ۽ احساس اُڀرندا آهن، تڏهن ئي لکي سگهبو آهي. انهن لمحن جو ڪو مقرر وقت ڪونہ ٿيندو آهي. |
| ١٧- وڻندڙ ڪتاب ؟ | ١٧_ شاھ جو رسالو. |
| ١٨- وڻندڙ ليکڪ ؟ | ١٨_ ادب جي طالب علم آهيان. تنهن ڪري ڪنهن جي لائق نہ آهيان. |

Gul Hayat Institute

پهرين ملاقات ۾ ئي مون سان ائين فرفر ڪري ڳالهائي رهي هئي، جو منهنجي ان مخصوص تصور کي ڌڪڪو پئي لڳو. پوءِ جڏهن منهنجي ڪاليج جي ڪجهه ٻين ڇوڪرين سان ملاقات ٿي، ۽ انهن به مون سان ائين فرفر ڪري ڳالهايو، ته ان وقت مون تي اهو راز عيان ٿيو، ته هتان جي تقريبا هر ڇوڪري ائين ئي فري اسٽائيل طريقي سان ڳالهائيندي آهي. بس ان ڪانپوءِ آهستي آهستي گوڊٿ مونکي وڻڻ لڳي هئي. هوءَ خوبصورت ته هوندي به هئي، تنهنڪري گهڻي عرصي تائين هنڪان پري رهڻ مون جهڙي 'ڪمزور' ماڻهوءَ لاءِ ذري گهٽ ناممڪن هو.

گوڊٿ قوميت جي لحاظ کان انگريز هئي، تنهنڪري رنگ جي اڇي هئي. ڊگهو قد، اکيون ڪجهه جهريون ۽ وڏيون. جن ۾ سدائين هڪ قسم جو هلڪو هلڪو نشو نظر ايندو هو. مٿي جا وار ڀورا ۽ ڪجهه سنهري. گوڊٿ طبيعت جي نهايت سلڇڻي ۽ سوشل هئي. هوءَ ڪاليج جي انهن ڪجهه شاگردن مان هڪ هئي، جيڪي رنگ ۽ نسل جي فرق کانسواءِ، پنهنجي ساٿين جي مدد ڪندا هئا. ان ڪري گوڊٿ پنهنجي شاگرد برادريءَ ۾ پڻ گهڻو مقبول هئي.

هڪ ڏينهن فيض مون سان مذاق ڪندي چيو، "يار تون واقعي عجيب آدمي آهين."

"ڇا مطلب؟"

"ڏس نه،" فيض چيو. "تون پهرين ملاقات ۾ ئي ڇوڪرين سان گهڻو فري ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهين. نتيجي ۾ هو توکي ڪجهه ايبنارمل ۽ ڪجهه خطرناڪ سمجهڻ لڳنديون آهن."

"خير، ٿورو گهڻو ايبنارمل ته مان شروع کان ئي آهيان. باقي خطرناڪ هرگز نه آهيان، جو روزانو صبح جو اٿنديئي مان آئينو ڏسندو آهيان."

"پر پوءِ به آخر تون ائين ڇو ڪندو آهين؟"

ان تي مون هڪ ڊگهو شوڪارو ڀريندي فيض کي وراڻيو، "اسان جي ديس ۾ عشق ڪرڻ ايتروئي ڏکيو آهي، جيترو عاشق اعظم ميان فرهاد جي وقت ۾ هو. پنهنجي ملڪ ۾ عشق ڪرڻ لاءِ، پهريائين ته اسڪوٽر تي محبوبه جو پيڇو ڪرڻو پوندو آهي. اهو به تڏهن، جڏهن محبوبه ڪنهن گرلس ڪاليج ۾ پڙهندي هجي، پوءِ ڪيترن ئي چڪرن لڳائڻ بعد، جيڪڏهن عاشق جي شڪل ۽ قسمت چڱي هوندي، ته محبوبه به ڪيس ڪجهه لفٽ ڏيڻ شروع ڪندي. ٻي صورت ۾ معاملو خطرناڪ ۽ عبرتناڪ به ٿي سگهي ٿو. پر هتي اسڪاٽلينڊ ۾ ته صفائڻ لڳي پئي آهي. هتي پهرين ملاقات ۾ ئي ڇوڪريون اهڙي ٿيون موٽ ڏين، ڄڻ هو پرائمري اسڪول کان مون سان گڏ پڙهنديون هجن."

ان تي فيض وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو. ائين ٿي لڳو ته ڄڻ هن تي ٽهڪن ڏيڻ جو دورو پئجي ويو هجي.

"خير ته آهي، توکي وري ڇا ٿيو؟" مون فيض کان پڇيو.

فيض وراڻيو، "منهنجا ياءُ، جيڪڏهن هتان جي ڪا ڇوڪري تو سان فِري (free) ٿي ڳالهائي ٿي. يا تو سان گڏ گهمي ڦري ٿي، ته انجو اهو مطلب هرگز ناهي، ته هوءَ تو سان عشق ٿي ڪري. ان معاملي ۾ هتان جون ڇوڪريون، خاص ڪري ڪاليجي ڇوڪريون، ايتريون به سوليون ڪونهن، جيئن تون سمجهين ٿو."

برٽش ڪائونسل طرفان، جنهنجو مان اسڪالر هولڊر هوس. شروعات ۾ منهنجي رهائش جو بندوبست، ايڊنبرا جي هڪ وچولي هوٽل 'مئي فيلڊ هوٽل' ۾ ڪيل هو. فيض سان منهنجي پهرين ملاقات ان هوٽل ۾ ٿي هئي. پهرين ملاقات ۾ ئي اسان ٻئي هڪ ٻئي جا سٺا دوست ٿي ويا هئاسون. وري آڦي باقي جو خبر پئي ته اسان ٻنهي جي داخلا به ساڳي ڪاليج ۾ ٿيل هئي، بس پوءِ ته لٺ ٿي وئي.

فيض هڪ خوبصورت نوجوان هو. عمر ٢٥ سال، رنگ جو اڇو، قد جو ڊگهو، اکيون ۽ مٿي جا وار ڪارا، جنکي هو ڦٽي گهٽ ڏيندو هو. انهيءَ جي باوجود سندس وارن ۾ هڪ انوکي ترتيب هوندي هئي. اسڪاٽش ڇوڪريون وڏي فخر سان هنکي پنهنجي ڪمپني ڏينديون هيون. هو جڏهن اسڪاٽش ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي وچ ۾ ويهندو هو ته انهن کان به وڌيڪ سهڻو لڳندو هو. مونکي ان تي فخر هو ته فيض جهڙو ماڻهو مونکي پنهنجي ويجهن دوستن ۾ شمار ڪندو هو. هو جڏهن به ٻين دوستن سان منهنجي واقفيت ڪرائيندو هو ته چوندو هو: هي آهي منهنجو پيارو دوست قادر، جيڪو پاڪستان مان آيو آهي.

اسان ڇهن ڄڻن جو هڪ ئي گروپ هوندو هو. ان گروپ ۾ اسان ٻئي، يعني فيض ۽ مان ۽ ٻه ڇوڪريون گوڊٿ ۽ ايڊٿ شامل هئاسون. اسان هر هنڌ گڏجي گهمندا هئاسون. فلم هجي يا ڪو ڪنسرٽ، پڪنڪ پارٽي هجي يا ٻي ڪا تفريح. اسان چار ئي گڏجي شامل ٿيندا هئاسون.

ايڊٿ فرانس جي رهڻ واري هئي. ظاهر آهي هيءَ به رنگ جي اڇي هئي ۽ شڪل جي لحاظ کان خوبصورت. هنجي ڳالهائڻ ۾ هڪ عجيب قسم جو قدرتي غرور هوندو هو. طبيعت جي رزرو(Reserve) هئي، تنهنڪري هلڪو سلڪو ماڻهو ساڻس ڳالهائڻ جي جرئت ئي ڪونه ڪندو هو، سواءِ فيض جي. جيڪو خبر ناهي هن سان ڪيئن ۽ ڪيڏيءَ مهل فري ٿي ويو هو. ايڊٿ پڻ اسان جي ڪاليج ۾ پڙهندي هئي.

هڪ ڏينهن فيض ۽ مان گوڊٿ سان ملڻ سندس هاسٽل وياسون، ته سندس ڪمري ۾ ايڊٿ به ويٺل هئي. گوڊٿ ان وقت باٿ روم ۾ ويل هئي. اسانکي ڏسنديئي ايڊٿ فقط 'هيلو' چيو ۽ پوءِ سگريٽ ڇڪڻ ۾ محو ٿي وئي، جيڪو اڳيئي سندس نازڪ آڱرين ۾ ڦاٿل هو. يورپ ۾ ڇوڪرين لاءِ سگريٽ ڇڪڻ هڪ عام رواجي ڳالهه آهي.

ايڊٿ لڳاتار سگريٽ جا وڏا وڏا ڪش هڻي رهي هئي ۽ ان سان گڏ ڪمري جي ڇت کي به گهوريائين پئي. اوڏيءَ مهل فيض پنهنجي منهن، منهنجي ويجهڙو ڪندي، آهستڙي چيو هو، "مونکي پهريون ڀيرو هڪ سگريٽ جي قسمت تي رشڪ اچڻ لڳو آهي."

"ڇا مطلب؟" مون کانئس پڇيو.

"ڏس نه،" فيض وراڻيو. "اهو خوش قسمت سگريٽ ڪيئن نه ٻن نازڪ آڱرين جي وچ ۾ ڦاٿل آهي، ۽ ڪنهن مهل ته اهو ٻن گلابي ۽ نرم چپن تائين به وڃيو رَسي."

۽ پوءِ فيض نظاري پچائڻ واري انداز ۾، ڪڏهن ايڊٿ جي خوبصورت چهري ڏانهن ته ڪڏهن ان نصيبن واري سگريٽ ڏانهن پئي نهاريو.

Gul Hayat Institute

"يار، اهو الله بہ وڏو ظالم اٿئي،" فيض پڻ پڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو. "کهڙيون نہ 'خطرناڪ' شيون تيار ڪيون اٿائين. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪيس پنهنجي تخليق تي اعتبار ئي ڪونہ ايندو هوندو."

ان تي فيض جي ڪلهي تي آهستڙي هٿ رکندي چيم،

"مان تو سان مڪمل اتفاق ڪيان ٿو ۽ ساڳي وقت تو سان دلي همدرديءَ جو اظهار پڻ - اي دوست."

ان ڏينهن ڪاليج کان ڪجهہ سوير مڪمل ٿي هئي. سخت ٿڌ سبب مان بستري ۾ ليٽي ٿڌ کان بچڻ جو فائدو وٺي رهيو هوس، تہ ايتري ۾ ڪنهن ڪمري جو دروازو کڙڪايو. هڪ واري تہ بستري ۾ ليٽڻ مان جيڪو سُرور ۽ نشو پئي آيو، سو ڇڄي ٽٽي پيو. خارن مان بستري مان اٿيس ۽ دروازو وڃي کوليم تہ سامهون فيض بيٺو هو.

"هيلو ماءِ فرينڊ، هائو آر يو؟" فيض پڇيو.

"ناٽ بيٽر دين يو." مون منهن تي زبردستي خوش اخلاقيءَ جا آثار آڻيندي چيو.

"چو خير تہ آهي؟" فيض ڪمري ۾ ايندي چيو.

"يار خير وري ڪهڙو، ڏسين ڪونہ پيو، سخت ٿڌ پئي پوي، ۽ ان سان گڏ برسات بہ پنهنجا جوهر پئي ڏيکاري. سچ چيو اٿن مصيبت اڪيلي ڪانہ ايندي آهي."

"تہ پوءِ ٻڌاءِ تيو مان تہ توکي ٻاهر گهمڻ لاءِ وٺڻ آيو آهيان."

"چڱو يار، چو منهنجي ڪڍ پيو آهين. آخر تون مونکي سالم حالت ۾ وطن واپس وڃڻ ڏيندين ڪونہ؟"

"او منهنجا دوست، هينئر سڀ ڪجهہ وساري ڇڏ. توکي خبر آهي، هاڻي اسين ڪيڏانهن پيا هلون؟" فيض پنهنجي ڳالهہ ۾ ٿورو تجسس پيدا ڪندي چيو.

"مونکي ڪهڙي خبر. مان غيب جو علم ڪونہ ڄاڻان."

"او ماءِ فرينڊ، اسان هاڻي نائيجيرين ڊانسنگ پارٽيءَ ۾ پيا هلون." فيض ورائيو.

"پر ان ڊانسنگ پارٽيءَ ۾ هوندو ئي ڇا؟ ڊانگيءَ جهڙا ڪارا ۽ ڪاريون آفريڪي ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا، جنجا پري کان فقط اڇا ڏند ئي ظاهر ٿي سگهندا آهن."

"نو ماءِ فرينڊ،" فيض چيو. "اها ڊانسنگ پارٽي نائيجيريا جي شاگردن، پنهنجي قومي ڏينهن تي ڪاليج جي سيني شاگردن کي ڏني آهي. ان پارٽيءَ ۾ اسڪاٽلينڊ، انگلينڊ ڪانسواءِ ٻين ملڪن جا شاگرد بہ شريڪ ٿيندا."

"يار، اها تہ تو ڏاڍي پياري ڳالهہ ٻڌائي آهي. اهو ٻڌنديئي منهنجي جسم مان اڌ سردي ختم ٿي وئي آ." مون خوش ٿيندي فيض کي چيو.

ان تي فيض هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو،

"پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ سان باقي سردي بہ ختم ٿي ويندي."

پوءِ مان ۽ فيض جلدي جلدي تيار ٿي گرلس هاسٽل روانا ٿياسون، جتان گوڊٽ ۽ ايڊٽ کي ساڻ ڪري نائيجيرين پارٽيءَ ۾ وڃڻو هو.

نائيجيرين پارٽي شهر جي هڪ مشهور هوٽل 'منٿو هوٽل' ۾ منعقد ڪئي وئي هئي. اسان جڏهن هوٽل جي هال ۾ پهتاسون، تہ هڪ انگريزي ڌن تي مختلف جوڙا بي خوديءَ وچان نچي رهيا هئا. هال ايڏو وڏو ڪونہ هو، پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙن جو تعداد هال جي وت کان مٿي هو. هال جي چوڌاري لائين ۾ ڪجهہ ڪرسيون پيل هيون، جن تي اهي جوڙا ويٺل هئا، جن ويٺي ويٺي گپ شپ پئي ڪئي، يا ڪجهہ نہ ڪجهہ پيئاٿون پئي. ڊانسنگ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙن آفريڪي ڇوڪرن جو تعداد، آفريڪي ڇوڪرين جي مقابلي ۾ وڌيڪ هو. ان جي مٿان ستم ظريفي اها هئي، تہ اتي موجود يورپي ڇوڪرين جو تعداد بہ گهٽ هو. بس پوءِ تہ آفريڪي ڇوڪرن پنهنجا ڊانسنگ پارٽنر ڳولهن لاءِ خوب 'ڄاڻا' ٿي هنيا.

هال ۾ داخل ٿيڻ سان، اسان سيئي وڃي خالي ڪرسين تي ويٺاسون. سڀ کان پهريائين فيض وٺندڙ مُرڪ سان ايڊٽ ڏانهن نهاريو، جواب ۾ ايڊٽ بہ مُرڪي ڏنو ۽ پوءِ ٻيئي هٿ، هٿ ۾ ڏيئي ڊانس ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ويا. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ مون ڏٺو تہ فيض ۽ ايڊٽ هڪ ڇتي ۽ تيز ڊانس ڪرڻ ۾ محو هئا.

هينئر منهنجو ۽ گوڊٽ جو وارو هو. يا الاهي خير. پنهنجي وطن ۾ تہ ناچ نہ ڪرڻ هڪ فخر جي ڳالهہ هئي، خاص ڪري مردن لاءِ. پر هتي اسڪاٽلينڊ ۾ تہ معاملو الٽو آهي. هتي جيڪڏهن ڪنهن مرد کي ڊانس نٿو اچي تہ کيس شرمندو ٿيڻو پوي ٿو. ڪجهہ وقت لاءِ تہ گوڊٽ ۽ مان ائين ئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهياسون. گوڊٽ ڪيئي ڀيرا مون ڏانهن نهاري، مُرڪي پنهنجو ڪنڌ هيٺ تي ڪري ڇڏيو. ظاهر آهي مونکي کيس ڊانس جي آڇ ڪرڻي هئي، تنهنڪري هو وقفي وقفي سان مون ڏانهن نهاري رهي هئي ۽ مرڪيائين بہ پئي، پر هتي معاملو ڪُل پيران دا خير هو. نہ موکي اها انگريزي ڊانس چڱي ريت آئي ٿي ۽ نہ ئي مان هنکي ڪا آڇ ڪري سگهيس ٿي. انگريزي تہ نهيو، پر پنهنجي وطن ۾ تہ مونکي سنڌي ڊانس بہ ڪانہ ايندي هئي، ۽ هينئر جڏهن مان عمر جو پڪو ٿي چڪو هوس، تڏهن مونکان ڊانس جي توقع ڪرڻ بلڪل ائين هو، جيئن ڪنهن گڙنگ موالي کي چئجي تہ وزم پاڻي ڇڏي ڏي.

جنهن ڪاليج ۾ مان پڙهندو هوس، اتي پڻ هڪ مضمون بطور ميوزڪ جي شامل هو، جنهن ۾ شاگردن کي اسڪاٽش ٽريڊيشنل ڊانس جا مختلف نمونا سيکاريا ويندا هئا. اهو ڊانس جو هڪ قسم هو، جنهن ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هٿ ۾ هٿ ڏيئي، گول دائري جي صورت ۾ هال ۾ ڦري سگهيا پئي. ڇوڪرو، ڇوڪري جو هٿ وٺي، هڪ پيرفرش تي گسڪائيندي، ٻيو پير زمين تان ٿورو مٿي ڪئي، تيزيءَ سان گول دائري ۾ ڦري سگهيو ٿي. مونکي بہ منهنجي انسٽرڪٽر مس پيٽري هدايت ڏني، مان بہ هڪ ڇوڪريءَ جو هٿ وٺي، هڪ پير کي گسڪائيندي، ٻيو پير زمين کان ڪجهہ مٿي ڪئي، ميوزڪ جي تال تي گول دائري ۾ ڦرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. خبر تڏهن پئي، جو منهنجي ساٿي ڇوڪري گول دائري ۾ ڦرندي، مونکان اڳتي وڌي وئي ۽ مان هنجي پوئتان ڪيتري پنڌ تان گهلبو ويس. شايد مان پنهنجا قدم، ساٿي ڇوڪريءَ جي قدمن سان ملائي نہ سگهيو هوس، يا وري ميوزڪ جي تال کي سمجهي نہ سگهيو هوس. ان بي سُرائپ

مون لاءِ اهوئي ڪافي آهي. مان ٿوري تي راضي رهڻ وارو انسان آهيان، مونکي انڪان وڌيڪ ڪجهه بہ نہ کپي."

نائيجيرين ڊانسنگ پارٽيءَ ڪان پوءِ گوبڊٽ منهنجي گهڻو ويجهو اچي چڪي هئي. ڪاليج جي ڪينٽين هجي يا ايڊنبرا جا خوبصورت ريسٽورينٽ، اسان ٻئي گڏ نظر ايندا هئاسون. ائين ٿي پانيو تہ اسان ٻنهي جو تعلق، جيڪو دوستيءَ جي ناتي سان شروع ٿيو هو، سو هينئر هڪ نئو رُخ اختيار ڪري رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان ٻنهي سان فيض ۽ ايبڊٽ پڻ شامل ٿيندا هئا. پر هاڻي اهو چئن ڄڻن وارو گروپ تيزيءَ سان ٽٽي رهيو هو. پوءِ بہ انفرادي طرح اسان سڀئي اڃان تائين هڪ ٻئي جا سٺا دوست هئاسون.

گوبڊٽ ۽ مان، ايڊنبرا جي هڪ انڊين ريسٽورينٽ ۾ ويٺا هئاسون. گوبڊٽ چانهہ جو ڪپ مون ڏانهن وڌائيندي چيو، "توکي خبر آهي قادر، ايبڊٽ اسان ٻنهي لاءِ ڇا چوندي آهي؟"

"ڇا چوندي آهي؟"

"هو چوندي آهي،" گوبڊٽ ٿورو شرمائيندي ورائيو. "اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه ٿي رهيو آهي. (Some thing is happening between us.) ائين چوندي گوبڊٽ جو منهن ڪجهه وڌيڪ ڳاڙهو ٿي ويو.

"ڇا ٿي رهيو آهي؟" مون هنجو نازڪ ۽ سنهڙو هٿ، پنهنجي هٿن ۾ وٺندي چيو.

"مونکي ڇا خبر، تون پاڻ سمجهہ." هن پنهنجون وڏيون اکيون هيٺ ڪندي چيو.

"مان دماغ جو ڪجهه ڪمزور آهيان، مبهم ٻولي ڪونہ سمجهان، ٿورو کولي ٻڌاءِ." مون هنجي وشال اکڙين ۾ جهاتي پائيندي چيو.

ان تي گوبڊٽ منهنجي ڪلهي تي هڪ هلڪو ٺونشو هڻندي چيو. "جيڪڏهن تون هتي برطانيہ ۾ هميشہ لاءِ رهي پوين ها، تہ مان دماغ سان گڏ تنهنجو عقل بہ ٺيڪ ڪري ڇڏيان ها. پر افسوس جو هاڻي مان ائين ڪري ڪانہ ٿي سگهان."

"پوءِ تون ئي ڪٽي مون سان منهنجي وطن هل." مون هنجي سنهڙي نڪ کي ٿورو مهٽو ڏيندي چيو.

"ڇا لاءِ؟" هن ڪجهه حيرانگي ۽ ڪجهه اُڻ تڻ واري ڪيفيت ۾ پڇيو.

"منهنجو دماغ ٺيڪ ڪرڻ لاءِ، منهنجي سار سنڀال لهڻ خاطر."

"تنهنجو دماغ تہ تنهنجي وطن ورڻ سان ئي ٺيڪ ٿي ويندو،" گوبڊٽ مرڪندي چيو. "باقي رهي تنهنجي سار سنڀال لهڻ۔ ڪاش مان ائين ڪري سگهان ها." گوبڊٽ هڪ ٿڌو ساهہ کنيو ۽ پوءِ ڪپ تي اُڪريل گلن ڏانهن نهارڻ لڳي.

"تون منهنجي وطن ڇو نہ ٿي هلين؟ ڇا تون مون لاءِ ايترو بہ نٿي ڪري سگهين." ائين چوندي مان ڪجهه، جذباتي ٿي ويس.

"نہ قادر، اها ڳالهہ ناهي." گوبڊٽ منهنجي هٿ کي پنهنجي خوبصورت هٿ ۾ وٺندي چيو. "مان تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿي. مان توسان دنيا جي آخري ڇيڙي تائين هلڻ لاءِ تيار آهيان، پر اسان کي زندگيءَ جي حقيقتن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. تنهنجي وطن هلي مان خوش رهي ڪانہ سگهنديس، ۽ نہ توکي خوش رکي سگهنديس."

"آخر تون چوڻ ڇا ٿي چاهين، مان توکي پوريءَ ريت سمجهڻ ڪان قاصر آهيان."

"ڏس قادر،" گوبڊٽ نهايت سنجيدگيءَ وچان چيو. "هر ديس جي ڌرتيءَ کي پنهنجي هڪ خوشبو ٿيندي آهي. پنهنجو هڪ هُڳاءُ ٿيندو آهي. هر ديس کي پنهنجي هڪ مخصوص هوا هوندي. مخصوص پاڻي هوندو آهي. ساوا ساوا وڻ هوندا آهن. رنگا رنگي گل هوندا آهن ۽ سڀ ڪان وڌيڪ پيارا پيارا ماڻهو ۽ نہ ٽٽڻ وارا رشتا هوندا آهن. اهي سڀ نعمتون ان ديس ۾ هونديون آهن، جتي هڪ انسان جنم وٺي، وڏو ٿيندو آهي. اهي سڀئي شيون هڪ ئي وقت ڪيس ٻئي ملڪ ۾ ملي سگهن، اهو نا ممڪن آهي. پنهنجي ڌرتيءَ ڪان ڪٽجي، هڪ انسان جيئرو تہ رهي سگهيٿو، پر سندس زندگي هڪ چرندڙ پرندڙ لاش جيان هوندي آهي."

گوبڊٽ جي اهڙي سوچ ڏسي، منهنجا تاڪ لڳي ويا. منهنجي خيال ۾ مارئي فقط هڪ ئي هئي، جيڪا منهنجي وطن ۾ جنم وٺي چڪي هئي ۽ جيڪا پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي ماروئڙن جي عشق سبب ڪالهہ بہ زنده هئي ۽ اڄ بہ زنده ۽ امر آهي. پر اها مارئي ٻيو جنم وٺي مشرق ڪان مغرب هلي ايندي، اهو يقين نٿي آيو.

گوبڊٽ جي رفاقت ۾ منهنجي تعليمي ٽريننگ تيزيءَ سان پوري ٿي رهي هئي، ۽ هاڻي ايڊنبرا ۾ منهنجو داڻو پاڻي چند ڏينهن لاءِ وڃي بچيو هو. آخري ڏينهن ۾ گوبڊٽ جا ڪجهه مائٽ ايڊنبرا آيل هئا. ان ڏينهن هوءَ منهنجي فليٽ تي مونکان ٻن ڏينهن جي اجازت وٺڻ آئي هئي. چيائين، "ويجها عزيز آهن، ڪين ايڊنبرا گهمائڻو آهي ۽ هڪ ڏينهن لاءِ ڪين هاءِ لينڊس بہ وٺي وڃڻو آهي. هنن ڏينهن ۾ توکي ڇڏڻ تي دل تہ نٿي ٿئي پر مجبوري آهي—پوءِ مان وڃان؟"

"ضرور وڃ." مون ڪيس ورائيو.

"پوءِ تون اڪيلائيءَ ۾ ويهي ٿڌا ساهہ ۽ ٿڌا شوڪارا نہ ڀرجانءِ."

"تون ڳڻتي نہ ڪر. اها منهنجي پراڻي عادت آهي." مون ڪيس مرڪندي ورائيو.

وڃڻ لاءِ تہ گوبڊٽ هلي وئي. پر پوءِ اهي ٻہ ڏينهن گهارڻ مون لاءِ جبل مٿل ٿي پيا هئا. ان ڏينهن مون پهريون ڀيرو شدت سان اهو محسوس ڪيو هو، تہ گوبڊٽ ڪيتري نہ گهرائيءَ سان منهنجي من مندر اندر داخل ٿي چڪي هئي. پر اها تہ فقط ٻن ڏينهن جي ڳالهہ هئي، ۽ هوءَ تہ هميشہ جي لاءِ مونکان جدا ٿيڻي هئي. انسان بہ ڪيترو نہ ڀُلو آهي. پنهنجي ئي هٿن سان هڪ اهڙو رنگين محل تيار ڪندو آهي، جنهنکي ڪو مضبوط بنياد ئي ڪونہ هوندو آهي، ۽ جڏهن اهو رنگين محل ڊهي اچي پٽ پوندو آهي، تہ پوءِ پاڻ ئي ننڍڙن ٻارن وانگر روئڻ شروع ڪندو آهي.

بوريت ۽ خفت کي مٽائڻ لاءِ فليٽ جي ڪمري ڪان ٻاهر نڪتس، ٻاهر ايڊنبرا شهر جي ٿڌڙي ٿڌڙي هير پئي لڳي ۽ هلڪي هلڪي ڦڙڦڙ بہ پئي. جٽيءَ کي پنهنجي مٿان بلند ڪيم ۽ پوءِ آهستي آهستي انهن جاين ڏانهن وڌڻ لڳس، جتي گوبڊٽ ۽ مان اڪثر ويندا هئاسون. ايڊنبرا ڪيسل، ويورلي اسٽيشن، پرنسز اسٽريٽ ۽ آخر ۾ ٽفنيز. ٽفنيز هتان جو مشهور ڊانسنگ سينٽر آهي، جتي رات جي وقت، نوجوان جوڙا اچي

Gul Hayat Institute

ڪمري تي وڌي ۽ حسرت سان ان جي در ديوار کي ڏسڻ لڳس. هيءُ اهوئي ڪمرو هو، جنهن ۾ مون پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي ٻارنهن مهينا گذاريا هئا. مان اهو ڪمرو اڄ کان پوءِ ڪڏهن به ڏسي ڪونه سگهندس. اهو سوچي خبرناهي دل کي ڇو هڪ جهوٻو آيو. در تي وري ڪڙڪو ٿيو. ڪڙڪو ڇاتل سڃاتل هو. مون ڌڙڪندڙ دل سان وڃي در کوليو. گوڊٽ بيٺي هئي. مونکي ڏسي مُرڪڻ لڳي، پر سندس اکيون ڪجھ ڳاڙهيسريون پئي لڳيون. ائين ٿي ڀاسيو، ڄڻ هن گذريل رات کان ننڊ نه ڪئي هئي. دل کي ڄڻ هڪ ڌڪ آيو. پڇيو مانس، "خوش ته آهين گوڊٽ؟"

"ها-ها مان بلڪل خوش آهيان. بس ذرا سفر جي ڪري گذريل رات ننڊ ڪانه آئي آهي." ائين چئي هوءَ ڪمري جي اندر هلي آئي. مان هنجي سامهون وڃي ويٺس.

"گوڊٽ."

"هون." هن ڪنڌ هيٺ ڪندي وراڻيو.

"ٿورو مون ڏي نهار."

هن پنهنجا و شال نين کڻي مون ڏي نهاريو.

"هاڻي تو مون سان ڪوڙ به ڳالهائڻ شروع ڪيو آ." مون کيس چيو.

"ڪهڙو ڪوڙ."

مون هنجي نيرين اکين ۾ نهاريندي چيو، "جڏهن زبان ڪوڙ ڳالهائيندي آهي ته اکيون انجو ساٿ نه ڏيئي سگهنديون آهن. اکيون دل جو آئينو هونديون آهن."

گوڊٽ منهنجي ويجهو آئي ۽ پوءِ پنهنجون ٻئي ٻانهون منهنجي ڳلي ۾ وجهندي چوڻ لڳي، "ڏس قادر، اڄ تنهنجو هتي آخري ڏينهن آهي. مهرباني ڪري مونکان اهڙا سوال نه ڪر، جو اسان ٻنهي جو اڄوڪو ڏينهن ائين ئي غارت ٿي وڃي."

"چڱو مان نٿو ڪيان اهڙا سوال، ٻيو حڪم؟"

"ٿينڪيو." هوءَ خوش ٿي چوڻ لڳي، "ته پوءِ ٻڌ اڄوڪي ڏينهن جو پروگرام هن ريت آهي. سڀ کان پهريائين اسان ايڊنبرا ڪيسل هلنداسون. پوءِ پرنسز اسٽريٽ. منجهند جي ماني ڪنهن انڊين ريسٽورينٽ ۾ ڪائينداسون، ۽ شام جو پنجين وڳي ايئرپورٽ هلنداسون ٺيڪ؟"

"ٺيڪ."

اهو آخري ڏينهن ڪيئن گذريو انجو پتو ئي ڪونه پيو. شام جو پنجين وڳي گوڊٽ پنهنجي سيڪنڊ هينڊ ڪرولا ڪاهي، مونکي وٺڻ آئي. گاڏي فليٽ جي آڏو اچي بيٺي. مون حسرت ڀرين نگاهن سان پنهنجي ڪمري کي ڏٺو، ۽ پوءِ هڪ هٿ ۾ سوٽ ڪيس کنيم ۽ ٻئي ۾ بريف ڪيس. فليٽ کان ٻاهر نڪتس ته گوڊٽ ڊوڙندي اچي هڪ هٿ مان بريف ڪيس ورتو، ۽ پوءِ ٻئي وڃي گاڏي ۾ ويٺاسون. شهر کان ايئرپورٽ تائين ويهن پنجويهن منٽن جو رستو هو. گوڊٽ آهستي آهستي پئي ڊرائيو ڪئي. شايد هن مفاصلي ۽ وقت کي وڌائڻ پئي چاهيو. پر وقت بادشاه ڪنهنجي لاءِ پئي ترسيو. ڪجھ گهڙين لاءِ ته اسان ٻئي خاموش هئاسون. ڪنهن به نٿي ڳالهايو. ائين ٿي ڀاسيو، ڄڻ ان وقت اسان وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجھ رهيو ئي ڪونه هو. يا ڳالهائڻ لاءِ ته گهڻو ڪجھ هو، پر ڳالهائي نه پئي سگهياسون. نيٺ گوڊٽ ئي خاموشيءَ جي ان بت کي ٽوڙيو. "قادر."

"هون."

"اُداس آهين؟"

"خبر ناهي."

"ڏس قادر، مونکي خبر آهي ته تون مونکي ڪيترو چاهين ٿو." گوڊٽ چوڻ لڳي، "۽ تو کي اها به سُڌ آهي ته مان توکي ڪيترو چاهيان ٿي. پر زندگيءَ جو ڪي حقيقتون نهايت اڻ ٽر ۽ ظالم ٿينديون آهن." ۽ پوءِ ٿڌو ساه کڻندي چيائين، "جيڪڏهن شروع ۾ ئي مونکي خبر هجي ها ته تنهنجي منهنجي پريت جو اهو انجام ٿيندو، ته شايد مان تنهنجي ويجهوئي نه اچان ها__ ٻڌين پيو نه قادر؟" گوڊٽ پنهنجي چهري کي منهنجي ٿورو ويجهو آڻيندي چيو.

"ٻڌان پيو." مون وراڻيو.

"ڏس قادر، زندگيءَ جي اها ڪيڏي نه ٽرئجيڊي چئبي، جو اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي ديوانگيءَ جي حد تائين چاهيو، پر اهو نه سوچيو سون ته هڪ ڏينهن اسان ٻنهي کي جدا به ٿيڻو آهي."

"شايد ان ڪري ئي چوندا آهن ته محبت انڌي ۽ پاڳل ٿيندي آ." مون وراڻيو. خبرناهي ان وقت منهنجي ڳالهائڻ ۾ طنز ڪيئن نمايان ٿي ويو هو.

پر گوڊٽ بدستور ڳالهائيندي رهي، "۽ اها هڪ اهڙي جدائي آهي، جنهن ۾ ٻيهر ميلاپ جو امڪان ئي ڪونهي. شايد اسان جي حالت انهن ٻن سامونڊي جهازن جي مسافرن جيان آهي، جيڪي مخالف رُخ ۾ سفر ڪندا آهن، ۽ جڏهن اهي ٻئي جهاز هڪ ٻئي جي ويجهڙائي کان گذرندا آهن، ته انهن جا مسافر ويجهو اچڻ تي نهايت ئي خلوص ۽ چاهه وچان هڪ ٻئي کي هٿ لوڏي سلام ڪندا آهن، پر ساڳي وقت کين اها به پڪ هوندي آهي، ته اهي ٻيهر هڪ ٻئي کي ڪڏهن به نه ڏسي سگهندا ۽ نه ئي ملي سگهندا."

گاڏي ايئرپورٽ جي عمارت آڏو اچي بيٺي. مون ڊگيءَ مان سوٽ ڪيس ڪنيو ۽ گوڊٽ بريف ڪيس. پوءِ اسان ايئرپورٽ جي خوبصورت ۽ وسيع عمارت ۾ داخل ٿياسون. ايتري ۾ هڪ نوجوان جوڙو به ايئرپورٽ جي عمارت ۾ داخل ٿيو، هُو ٻئي هٿ، هٿ ۾ ڏيئي کلندا ٽهڪ ڏيندا چيڪ اِن ڪائونٽر تي پهتا، ۽ سيٽ نمبر وٺي پر ۾ پيل صوفا تي وڃي ويٺا. اوڏيءَ مهل مون گوڊٽ ڏانهن نهاريو، هن به مون ڏانهن ڏٺو. سندس و شال نيڻن ۾ هينئر پاڻي ڀريل هو. پوءِ هن پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ ڍلا ڍلا قدم کڻندي عمارت جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي بيٺي. مون به چيڪ اِن ڪائونٽر تان پنهنجو سيٽ نمبر ورتو ۽ سامان جمع ڪرائي، گوڊٽ جي پر سان وڃي بيٺس. ان دوران اسان ٻنهي ڪونه ڳالهايو، فقط خالي خالي نگاهن سان هڪ ٻئي کي ڏسندا رهياسون. پوءِ مسافرن جي روانگيءَ جو آخري اعلان ٿيو. اهو اعلان ٻڌنديئي منهنجي صبر جو بند ڄڻ ٽٽي پيو ۽ مون گوڊٽ جي ڪلهي تي هٿ رکندي سائس آخري ڀيرو ڳالهايو، "تون مونکي وساري ته نه ڇڏيندينءَ گوڊٽ."

جواب ۾ گوڊٽ منهنجي ڳلي ۾ پنهنجون ٻئي ٻانهون وجهي ڇڏيون ۽ سندس چپ لرزڻ لڳا.

"ڪير ڪنهنکي وساريندو- ڪير ڪنهنکي ياد ڪندو، انهيءَ جو جواب مان توکي ڏيئي نٿي سگهان." ائين چئي هن منهنجي ڳلي مان ٻانهون ڪڍيون، ۽ ڪنڌ هيٺ ڪندي، تيزيءَ سان ايئرپورٽ جي عمارت مان نڪري وئي.

صنوبر سيد

صنوبر سيد نئين ڪهاڻيڪار آهي. هن ڪهاڻيءَ کان اڳ سندس فقط هڪ ڪهاڻي ’سگهڙن سان‘ ڇپي آهي.

اڄ پڪو پهه ڪيم ته ڪهاڻي ضرور لکنديس، چاهي ڪجهه به ٿي پوي. لکڻ ته پڙهائيءَ دوران ئي شروع ڪيو هئم. دراصل ٿيو ائين، جو ’ڪونج‘، منهنجي ڪلاس فيلو ۽ سٺي دوست پڻ، کي منهنجي ڪتابن مان اها ڪاپي هٿ لڳي ويئي، جنهن ۾ ڪجهه شعر ۽ هڪ اڌوري ڪهاڻي لکيل هئي. بس پوءِ ڇا هو-؟ اچي پٺيان پئي، ته ’لکي پوري ڪري ڏي ته ڇپرايانس.‘ دراصل ڪونج جو پيءُ مقامي اخبار جو ايڊيٽر هو. خير سندس الاهي سارين منٿن کان پوءِ، ڪهاڻي پوري ڪري ڏنيمانس. جلدئي اخبار جي ادبي صفحي ۾ ڇپجي وئي. بس پوءِ ته خوشيءَ جي حد ئي ڪو نه هئي. ڏاڍا ڏاڍا اچي لڳيس لکڻ کي. ۽ روز انڪل هڪ ڪهاڻي ضرور لکي، مڪمل ڪري، ٻئي ڏينهن ڪونج جي حوالي ڪندي هئس. جيڪي وقت بوقت ڇپبيون رهنديون هيون. هڪ ٻه ڀيرا چاچا (ڪونج جي پيءُ) به تعريف ڪئي. بس پوءِ ته ائين ڀانئيندي هئم، ڄڻ ته سيني ليکڪن کي پٺتي ڇڏي آئي هجان. مات ڏئي وئي هجان سيني کي. دل ئي دل ۾ پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ لڳي هئم. بس تعريف ۾ نشوئي، اهڙو هوندو آ، جو مون پارن هلڪڙن ۽ ڪم عقل ماڻهن جو مٿو ڦيرائيندي دير ئي ڪو نه ڪري. خير ڪهاڻين جو سلسلو هلندو رهيو. تان جو وچي بابا کي خبر پئي.

هڪ ڏينهن جيئن ئي ڪهاڻي لکي رهي هئس ته بابا آيو ۽ چيائين، ”بابلا، هي وقت امتحان جي تياري ڪرڻ جو آهي نه ڪي ڪهاڻين لکڻ جو. هينئر پڙهائيءَ ڏي توجهه ڏي. پڙهائيءَ مان فارغ ٿي، پليءِ اهي شوق پورا ڪندي رهجان. ٻي صورت ۾ رزلٽ تي برو اثر پوندي.“

سوچيم، چوي بابا به صحيح ٿو. ۽ ائين ڪهاڻين کي اسٽاپ ڏئي، جنبي ويس پڙهائيءَ کي.

امتحان ٿيو. اڃان رزلٽ اچي ئي اچي. رشتن جي هڻ هٿان شروع ٿي وئي. نتيجو اهو نڪتو جو رزلٽ اچي ساهري، بقول امان جي، پنهنجي اصلي گهر، پڙهيم. شاديءَ جون مصروفيتون-نئون گهر-نئون ماحول-نوان ماڻهو ۽ نيون دلچسپيون. ڏينهن ڪيئن گذري ويا؟ خبرئي ڪو نه پئي. وري جڏهن سابق شهر يعني بابا جن ڏي ويس ته ڪونج ملڻ آئي. چيائين، ”پئي، مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو آ. ائين هيڏو عرصو فضول فضول گذاري ڇڏيئي. چو پئي پنهنجي ٽئلينٽ کي ضايع ڪرين. چندگهڙيون ئي ڪڍي لکندي ضرور ڪر.“

وري اتساهه جاڳيو، اتي ته لکي ڪو نه سگهيم، جو هر ڪو ملڻ ٿي آيو ۽ وڏ ۾ وڏ وقت امان جن سان ويهڻ ٿي چاهيم. سوچيم، اوڏانهن وڃان ته اتي ٽائيم ڪڍي لکنديس.

هتي آيس، وري ساڳيون مصروفيتون. وقت گذرندو ويو. تان جو هاڻي ٻن مان ڦري پنج ٿي وياسين. يعني پنجن سالن ۾ ٽن ٻارن جي تخليق ڪري. انهن جي ئي سنوار سڌار ۾ لڳي ويس.

وري ڪونج جو خط آيو. ’ڪجهه لکي موڪل، عورتن جو نمبر پئي ڪڍان سو

Gul Hayat Institute

"غنڊن جي ذريعي. تہ ڇا اسين غنڊا بڻجي وڃون." مون حيران ٿيندي پڇيو.

هن منهنجي سوال کي نظرانداز ڪندي پڇيو ،"تو ڪڏهن دهشتگردن کي ڏٺو آهي. توکي خبر آهي تہ ڪير آهن دهشت گرد."

"ڪنهن کي قتل ڪندي تہ ڪونہ ڏٺو اٿم. پر باهيون لڳائيندي، پٿربازي ڪندي ڏٺو اٿم. هٿيارن سان ،نقاب پاتل بہ ڏٺا اٿم." مون جواب ڏنو.

"اهي ڪير آهن؟" هن پڇيو.

"ڪير آهن؟ دهشت گرد آهن ،غنڊا آهن." مون بيزار ٿيءَ مان پڇيو.

"تنهنجو جواب ئي اصلي جواب آهي. يعني- غنڊا ئي دهشت گرد آهن."

مون ڳالھ نہ سمجهي ، ۽ ڪيس ڏسندي چيو مانس ، "اها کهڙي نئين ڳالھ ٻڌائي اٿئي."

هو مونکي سمجهائڻ لڳو ، "ڏس ،اها حقيقت آهي تہ اُنهن مان گهڻي ڀاڱي سيئي نيت جا پليت آهن. اِهي اسان جا ۽ اسان جي ڌرتيءَ جا ويري آهن. پر تو هڪ ڳالھ نوٽ ڪئي هوندي، تہ هنن جو ڪو وڪيل، ڪو جج ، پروفيسر ، ڪو ليڪچرار يا وڏو آفيسر ، بلڪ ننڍو آفيسر نہ ڪڏهن رستن تي باهيون لڳائيندو آهي، نہ ڪنهن کي پٺن ۾ خنجر هڻندو آهي، نہ ئي گوليون هلائي. انهيءَ مان منهنجو اهو مقصد هرگز ڪونهي، تہ هنن جو اهو طبقو شريف آهي ، ۽ اسان جو يا اسان جي ڌرتيءَ جو سڄڻ آهي. نہ ،هرگز نہ. هُنن جو اهو طبقو بہ اسان جو ايترو ئي ويري آهي ،جيترو ٻيو طبقو. ايستائين جو هُنن جو مُلو بہ ، جيڪو مسيت ۾ ڀائي چاري جو سبق ڏئي ٿو ، پر اندر ۾ پليت آهي. هنن جي مٿئين طبقي جي دلين ۾ اسان لاءِ باھ ٻريل آهي ، اها بہ حقيقت آهي تہ اها سڄي غنڊا گردي ، اها سڄي دهشتگردي هنن جي اشاري تي ئي ٿئي پئي. انهيءَ سڄي بدمعاشيءَ جي پٺيان دماغ هنن ئي اشرافن جو آهي. پر اڳيان اِنهن غنڊن کي ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ جنهن مٿئين طبقي ۾ هو پهچي ويا آهن، اتان هو رستن تي غنڊا گردي ۽ دهشت گردي نٿا ڪري سگهن ،ڇو تہ اهو سندس شان وٽان ڪونهي.

پر هنن پلاننگ تحت ،پنهنجي غنڊن کي اڳيان آندو آهي. اهي ،انهن غنڊن کان ڪيترائي ڪم وٺي رهيا آهن. اسانکي مارائي رهيا آهن. اسان کان، اسان جا گهر خالي ڪرائي رهيا آهن. اسانجو واپار تباھ ڪرائي رهيا آهن. اسانجي دڪانن کي باهيون لڳرائي رهيا آهن ، ۽ غنڊن ۽ دهشتگردن جي دٻاءُ تحت، مٿي هي نوڪريون ماٺي رهيا آهن. ٻين هنڌان پنهنجا غنڊا گهرائي ،اسان کي اقليت ۾ آڻي رهيا آهن. مرضي واري هنڌن تي پنهنجون بدليون ڪرائي رهيا آهن. وڏي ڳالھ تہ سنڌن سياست ۽ ليڊري بہ انهيءَ دهشت گردي ۽ غنڊاگرديءَ جي زور تي قائم آهي."

"پوءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي." مون ڪانئس وضاحت گُهري.

"مان نوڪريءَ ۾ آهيان. هڪ اهم عهدي تي آهيان. انهيءَ ڪري مونکي پتو پيو آهي. هنن جي سياستدانن وڏي پلاننگ ڪئي آهي. غنڊن کي ڪنهن معاشري ۾ عزت جي نگاھ سان نہ ڏٺو ويندو آهي. پر هنن پنهنجن غنڊن جي مٿي تي هٿ رکيو. جيڪي بہ نامي گرامي غنڊا هئا ،انهن کي پارٽيءَ ۾ سٺا عهدا ڏنائون ، ۽ ننڍن غنڊن کي پارٽي ڪارڪن مقرر ڪيائون. غنڊا خوش ٿي ويا تہ ڪا سياسي پارٽي ڪين بہ اهميت ڏي ٿي. ۽ ڪين بہ سماج ۾ هڪڙو عزت وارو درجو مليو آهي.

"سنڌن سياسي ليڊرن ڇا ڪيو جو جيڪي نامي گرامي ۽ خطرناڪ غنڊا هئا ،انهن کي گهرن ۾ فون هڻائي ڏنائون. ڪين هٿيار هلائڻ لاءِ ٽريننگ بہ ڏيارئون. انهن غنڊن کي موٽر سائيڪلون بہ وٺي ڏنائون ، ۽ ماهوار پگهار بہ مقرر ڪري ڏنائون. اهڙيءَ ريت اُهي غنڊا ، سنڌن سياسي ليڊرن جا ٻانهاڻي ويا. انهن ٻانهن کي چيو ويو تہ جنهن وقت فون تي اوهان کي ڳجهو اشارو ملي ، اوهين نقاب پائي ، پنهنجن ساٿين سان ، ٻڌايل جاءِ تي واردات لاءِ پهچي وڃون. توکي ياد آهي تہ سنڌن هڪ ليڊر تي جڏهن حملو ٿيو هو ،تہ حملي ٿيڻ جي پندرنهن منٽن اندر ، هنن سول اسپتال تي حملو ڪري ڏنو هو. ڇو تہ اُتي اسانجا ماڻهو هئا. اسان جا ڊاڪٽر هئا. ۽ پندرنهن منٽن جي اندر اندر اسان جي ڊاڪٽرن جون تيرنهن ڪارون ساڙي ڇڏيائون. ۽ اسان جا ڪيترا ماڻهو مارجي ويا. اهو سڀ ڪجھ ايترو جلدي انهيءَ ڪري ممڪن ٿيو ، جو غنڊن جي اڳ ۾ تياري ٿيل هئي."

مان سوچ ۾ ٻڏي ويس. ڪافي دير اسان ٻئي چپ رهياسين. مون وٽ چڻ ڳالهائڻ لاءِ ڪجھ نہ هو. پوءِ هن ئي ڳالهايو ، "اسين پنهنجن غنڊن کان نفرت ڪندا آهيون. هنن سان ڳالهائڻ بہ پنهنجي بيعزتي پائيندا آهيون. اسان جا ٻار بہ جيڪڏهن هنن سان ڳالهائيندا آهن تہ اسين ڪين بہ دڙڪا ڏيندا آهيون، تہ غنڊن سان نہ ڳالهايو. جيڪڏهن اسانکي پنهنجي غنڊن جي ، غنڊاگرديءَ جي خبر پئجيو وڃي تہ پوليس ۾ رپورٽ داخل ڪرائڻ ۾ بہ دير نہ ڪندا آهيون. پر سائين منهنجا ، ڪڏهن انهيءَ ڳالھ تي بہ سوچيو اٿوَ ،تہ جڏهن ڌاريا غنڊا ، اسانجن پاڙن تي حملا ڪندا آهن ،تہ هنن سان مهاڏو ڪير اٽڪائيندو آهي؟ اسين اشراف تہ وڃي گهرن ۾ لڪندا آهيون. درن کي بہ اندران ڪڙا ڏيو ڇڏيون تہ متان اسان جا ٻار نہ ٻاهر نڪرن. تڏهن اسان جو بچاءُ اِهي غنڊا ئي ڪندا آهن. جن کان اسان کي نفرت آهي. اسان جو بچاءُ اهي غنڊا ئي ڪندا آهن ، جن سان اسان جي ٻارن جو ڳالهائڻ بہ اسان کان برداشت ڪونہ ٿو ٿئي."

مون دل ۾ سوچيو- ڳالھ تہ هي صحيح پيو ڪري.

هن وري مونکي چيو ، "مان مڃان ٿو تہ پاڻ وٽ ايترا غنڊا ڪونهن. اڳلا تہ نسل درنسل کان غنڊا آهن. پر ڪجھ نہ ڪجھ ڪريل تہ اسان وٽ بہ هوندا. هنن کي نہ فقط عزت ڏيو. بلڪ هٿيار وٺي ڏيو. پئسي سان هنن جي مدد ڪريو. جيڪڏهن هنن مان ڪو گرفتار ٿئي تہ هن کي آزاد ڪرايو ، ۽ جيڪڏهن وقت تي پناھ جي ضرورت پوي تہ پنهنجي گهرن ۾ هنن کي پناھ بہ ڏيو. ڇاڪاڻ تہ اهي غنڊا ئي اوهان کي بچائي سگهن ٿا. ڪو شريف ماڻهو اوهان کي بچائڻ نہ ايندو."

مون وارو دوست ،صاحب ، شام جو آيو هو. ۽ هينئر رات ٿي چڪي آهي. سندس ڳالهيون منهنجي ذهن ۾ ويهي رهيون آهن ، هانوَ ۾ گهڙي ويئون آهن. مان ڪيتري دير کان ڪاپي پين ڪنيو ، پنهنجن غنڊن جا نالا ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

Gul Hayat Institute

تنوير عباسي

# پير حسام الدين راشدي

پير حسام الدين راشديءَ ۾ 'پير' جهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ هئي. نہ ڏگهي ڏاڙهي، نہ عصا، نہ دستار ۽ نہ جُبو، نہ تعويذ ڦيٿو ڪري، نہ سڄو ڏاڍو ۽ شوڪارو. نہ ڪيس خليفو هو، ۽ نہ مريد. سهڻو سيتو، ڪلين شيو (ڏاڙهي مڇون ٻئي ڪوڙيل)، ذوق سان سبرايل فل سوٽ ۽ ٽاءِ، يا پئنٽ بش شرٽ، ڪڏهن شاندار سلوار قميص ۽ صدري، عينڪ اکين تي، وار سليقي سان سنواريل، بوٽ سدائين پالش ٿيل، شيو هڪ ڏينهن بہ وڌڻ نہ ڏيندو. رنگ ڪٽڪائون، نڪ ڏگهو، قد ۽ بت وچولو، چال ۾ شان، هر ڳالهہ ۾ ذوق ۽ سليقو.

ڪاڏي خوراڪ، چوڙڻ ماڻڻ توڙي ڪتابن، دوستن، هوٽلن، گهمڻ جي جاين تان جو نوڪرن تائين سڀ سندس اعلي درجي جي ذوق جا مظهر هئا.

مون کيس ننڍي هوندي کان ڏٺو. جڏهن منهنجي عمر تيرهن ورهيہ هئي جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. اين-جي-وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس. گڏ ڪرڪيٽ کيڏڻ وارا هندو دوست لڏي ويا. اين - جي - وي هاءِ اسڪول ۾ فخرالدين شاهہ راشدي، (جنهنکي پيار مان ميرل چوندا هئا) منهنجو هم ڪلاس هو. اهو پير صاحب جو ڀائيجو آهي. ان سان ملاح بيٺي تہ سندن جمشيد روڊ واري گهر جي اڱڻ ۾ روز ڪرڪيٽ راند ڪجي.

راشدين جو گهر اسان جي نيوٽائون واري گهر کان فرلانگ کن پري هو. روز شام جو ڪرڪيٽ راند ۾ راشدي خاندان جا سڀ ڇوڪرا هوندا هئا. پير شاهہ، سلطان شاهہ، حسين شاهہ ۽ اياز. اسڪول بہ ساڳيءَ بس تي وڃبو هو، ۽ موٽبو بہ گڏ ساڳيءَ بس تي هو. اهڙيءَ ريت راشدي خاندان جي ننڍن سان چڱي ويجهڙائپ ٿي ويئي.

فخرالدين شاهہ کي خبر هئي تہ مونکي ادب ۽ شعر سان دلچسپي آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ لکندو آهيان. هن مونکي ٻڌايو تہ "منهنجو مامو بہ وڏو اديب آهي. ان جي وڏي لائبريري آهي." مون کيس زور ڀريو تہ مونکي اها لائبريري ڏيکاري.

پيرحسام الدين جي موجودگيءَ ۾ تہ اها لائبريري ڏسڻ ممڪن نہ هئي، پر هڪ ڏينهن، جڏهن پير صاحب گهر ۾ نہ هو، تہ ميرل (اڳتي مان فخرالدين شاهہ راشديءَ کي ميرل لکندس) مونکي سندس لائبريريءَ ۾ وٺي ويو. ۽ اسان ان لائبريريءَ ۾ ائين خبرداريءَ سان ۽ ڊڄندي ويا سي، ڄڻ ڪي چور چوري ڪرڻ پيا وڃن.

ايڏي وڏي لائبريري ڏسي، منهنجيون وايون ٽبال ٿي ويون. ميرل سرهاڻ ۾ چيو، "هي ڏس، هيءُ ڪتاب ماما جا آهن."

مون ڏٺا. جلد ٻڌل ڪتاب، جنهن جي جلد تي سونهري اکرن ۾ لکيل هو 'پيرحسام الدين راشدي'

لائبريريءَ گهمڻ کان پوءِ، مون ميرل کي چيو تہ مونکي پنهنجو ماما ڏيکار. ۽ هڪ ڏينهن ڪرڪيٽ راند جي وچ مان ميرل مونکي وٺي ويو، ڊرائنگ روم ۾. دريءَ کان ٻاهر بيهي، اشاري سان ڏيکاريائين. "هو- اهو آهي ماما حسام الدين."

ان وقت پير صاحب جوان پئي لڳو. مونکي سٺو لڳو. ان کان پوءِ، منهنجي اصرار تي ميرل پير صاحب جي لائبريريءَ جا ڪتاب مونکي پڙهائڻ شروع ڪيا. هو پيرصاحب کي خبر ڪرڻ بنا، ڪتاب آڻي مونکي ڏيندو هو، ۽ مان ڪتاب



Gul Hayat Institute

مذهب جي باري ۾ پيرصاحب وڏو فراخ دل هو، بلڪ هن کي مذهب جي نالي کي غلط استعمال ڪندڙن کان انتهائي نفرت هئي. منهنجو ساڻس ويجهو تعلق رهيو. ساڻس هر مسئلي تي کليل دل سان بحث ڪيم. پر ائين بہ نہ ٿو چئي سگهان تہ هو مذهبي هو. پر ٿي ڳالهيون پوري يقين سان چئي سگهان ٿو تہ هو سيڪيولر (Secular) هو، قوم پرست (Nationalist) هو، ۽ سماج وادي (Socialist) هو.

هڪ ڏينهن سائين جي ايم سيد وٽ ويٺا هئاسين. مان، رباني، پيرصاحب. اسلام جي تاريخ تي بحث پئي هليو. اهو تہ ڪيئن مسلمانن جي تاريخ خون خرابي ۽ منافقيءَ سان ڀري پئي آهي. ۽ ائين اوچتو شيخ عبدالمجيد سنڌي لڪڻ مان ٺڪاءَ ڪڍائيندو، "اسلام عليڪم" چئي اچي وارد ٿيو. پيرصاحب ڏانهس ڏسي چيو، "شيخ، منهنجي ۽ سيد (جي ايم سيد) جي تہ قسمت ئي خراب هئي، جو ڄاواسي مسلمانن جي گهرن ۾، اهو بہ سيدن ۾، پر توکي ڪهڙي نانگ ڪاٽو جو پنهنجو مذهب ڇڏي مسلمان ٿئين."

۽ پوءِ اسانجا ٽهڪ هئا، ۽ شيخ صاحب جي ڦڪي ڪِلَ.

١٩٦٢ع ۾ نورمحل سئنيما سامهون، ڦليليءَ تي هڪ ننڍي هڪ ڪمري واري اسپتال کولي هئم. اتي اوچتو پيرصاحب ربانيءَ سان اچي ظاهر ٿيو. ڪٿي مان، ڪٿي پيرصاحب جنهن جي لائبريري مون چورن وانگر ڏٺي، جنهن سان ملاقات ڪرائيندي سنڌس پاڻيجو ميرل ڪؤ ڪائيندو هو، اهو مون وٽ انهي غريباڻيءَ ڪلينڪ ۾ هلي اچي.

ٻئي ڏينهن پٽ شاهہ تي هلڻ لاءِ چيائين. پٽ شاهہ جو اهو ڏينهن ۽ اها رات منهنجي حياتيءَ جي يادگار رات آهي. هونءَ بہ پيرحسام الدين سان گهاريل هڪ هڪ گهڙي يادگار گهڙي آهي. پر پٽ شاهہ ۾ گذاريل اهو وقت، پيرصاحب ۽ منهنجي وچ ۾ ويڇي ۽ وڇوٽيءَ کي ختم ڪرڻ وارو وقت هو. ان کان پوءِ، پيرصاحب کي مان سدائين پنهنجي روح جي ڀر سان محسوس ڪيو. عقيدت، احترام، ادب پنهنجي جاءِ تي، پر مون انهن سڀني شين جي باوجود، پيرصاحب جي شخصيت جي شفقت، محبت، پنهنجائپ ۽ ويجهڙائپ جو ذائقو چکيو.

سيد ميران محمد شاهہ پٽ شاهہ تي هو. پيرصاحب ماني کائيندي کيس چيو، "شاهہ، هاڻي تون نئون عشق ڪر ۽ شادي ڪر."

ميران محمد شاهہ اڳوڻو اسپيڪر، وزير، سفير ۽ سڀ ڪان وڏ اديب ۽ ادب دوست هو. هن ٽهڪ ڏئي چيو، "پير، هاڻي مان ڪراڙو ٿي ويو آهيان. شادي تہ ڪيان، پر ڪري ڪجهہ بہ نہ سگهندس." پير صاحب چيو. "ان جو تون فڪر نہ ڪر. هيءُ نوجوان جو آهن. (اسان ڏي اشارو ڪري)، اهي سڀ فرض ادا ڪندا."

۽ پوءِ ٽهڪن جو طوفان.

منهنجي ۽ قمر جي شاديءَ جو مسئلو، ربانيءَ جي ذريعي کيس معلوم ٿيو. پاڻ ان ۾ ائين مدد ڪيائين، جڻ مان سندس ئي اولاد هجان. رحيم بخش سومري جي هٿان ان معاملي کي ٿوري وقت ۾ ئي حل ڪرايائين.

مون مٿي لکيو آهي، تہ پيرحسام الدين راشدي وٽ پير جهڙي ڪابہ شيءِ ڪانہ هئي، نہ مريد، نہ خليفا، نہ جبو، نہ دستار، نہ سڳو نہ تعويذ، پر اها ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن مونکي سندس عقيدت، احترام ۽ ادب ۾ وانگي رکيو؟ مان پيريءَ مريديءَ ۾ يقين نہ رکندو آهيان، پر الائي ڪهڙيءَ ريت، پيرحسام الدين مونکي پنهنجو مريد ڪري ڇڏيو. شفقت سان، محبت سان الائي ڪهڙي سڳي ڌاڳي سان.

◉ پُراڻي ڪاني ٻارڻ لاءِ، پراڻا دوست پرو سي لاءِ ۽ پراڻا ڪتاب مطالع لاءِ بهترين ساٿي آهن.

عمرخيام

◉پريم انسان جو ٻيو نالو آهي.

گوتم ٻڌ

◉لفظن جو اُهو جادو جنهن کي وزن جي نہ، پر موسيقيءَ جي ضرورت آهي. اُهو جادو آهي شاعري.

ارسطو

◉زندگي ادب لاءِ ڪڏهن بہ نٿي رُڪجي، ادب کي زندگيءَ سان گڏ ڏُڪڻو پوي ٿو.

ڪرشن چندر

◉ٻن روٽين مان هڪ شخص جو پيٽ ڀرجندو آهي، مگر هڪ گيت مان هزارين ماڻهن جي اُساٽ لهندي آهي.

موهن ڪلپنا

# ورهاڱي کان پوءِ جي شاعري

آفتاب ابڙو

ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي شاعري فڪري توڙي فني لحاظ کان ڏاڍي پڪي ،پختيءَ گهرو تاثر ڇڏيندڙ آهي. معيار جي لحاظ کان انکي بين الاقوامي سٹ پر بيهاري سگهجي ٿو. هن جي اُسرڻ ۽ جلد پختي ٿيڻ جا به ڪيئي تاريخي ، سماجي ۽ مادي سبب آهن ، جن تي گهري تحقيق ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. في الحال هتي انجو مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

## پس منظر

وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ کان پوءِ ۱۹۴۷ع ۾ جڏهن پاڪستان ٺهيو ته لڏپلاڻ شروع ٿي ، جنهن ڪري هتان ڪافي ساڃهه پريا اديب هندستان هليا ويا. نتيجي طور سنڌي علم ادب ۾ کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي. ڪيتريون صنفون بلڪل ختم ٿي ويون ، جنهن ۾ لغت نويسي ، گرامر ، حساب وغيره اچي وڃن ٿا. تاريخ نويسي ۽ صحافت کي به ڪاپاري ڌڪ لڳو. تاريخ تي جديد انداز سان لکڻ لاءِ جيڪي رٿائون شروع ٿيون هيون ، سي ختم ٿي ويئون. ٽيئن حصين کان مٿي اخبارون ۽ رسالا بند ٿي ويا. ڪلاسڪي ادب ۽ خاص طرح شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي نئين انداز ۾ شروع ٿيل ڪوجنا وارو ڪم اڌورو رهجي ويو.

موٽ ۾ هندستان کان آيل ادبين جي ٻولي ٻي هئي ، سندن ادبي روايتون ۽ رجحان مختلف هئا. سندن ثقافتي قدر به مختلف هئا ، انڪري ادبي خال ڀرجڻ محال ٿي پيو ، اٽلو ڏيهي ادب ۾ ٻه واضح ڌارائون ٺهي بيٺيون. ٻين صوبن جي برعکس سنڌ ۾ سرڪاري زبان 'سنڌي' هئي ، انڪري اڙدو سان سندس الاتوهار ۾ ٺي ٽڪر ٿي پيو.

ورهاڱي کي جيتوڻيڪ ڪو گهڻو عرصو نه گذريو آهي ، تڏهن به مختلف وقتن تي مختلف ذريعن سان سنڌي سماج کي ڪافي گهرا گهاوَ رسايا ويا آهن. قدرت جو رت سڪوئي نه ٿي ته ڌارين طرفان ٻيا ڌڪ ٿي رسيا ، تان جو اُهي وَڍَ هاڻي ناسور ٿي پيا آهن. انهن جدا جدا ڌاڙن اهڙا ته گهرا صدمار سايا آهن ، جو اهي تاريخ جو الڳ الڳ باب بڻجي ويا آهن.

عنايت بلوچ چوائي آهي ته:

مٹ ٿيا سي ڪين مورئون ، جي ڌريئون ڌاريا رهيا ،
رزق ڪائيندا رهيا ، ته به ڌوڙ پائيندا رهيا ،
شابسون آهن انهن کي ، جن جو سڌرڻ آ محال ،
ٺو ڪرون ڪائي به جي ناتا نپائيندا رهيا.

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته پاڪستان بڻائڻ ۾ هتان جا ماڻهو هر حال ۾ اڳرا هئا ، هنن وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ آخر آزاد وطن حاصل ڪيو. هنن ائين ڇو ڪيو؟ انهيءَ جا به ڪيئي مادي سبب هئا ، پر ٺلهي ليکي هنن سک سهنج ۽ آئيندي جي آرام لاءِ قربانيون ڏنيون. موٽ ۾ ڪين ڇا مليو ، اها ڳالهه به ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. اها ويجهر جي تاريخ اهڙي ڪانهي ، جنهن کي ڪتابن ۾ پڙهجي ، جيڪي ڪجهه ٿيو ، اها سانپر جي ڳالهه آهي. نئين اٿل پٿل ڪري هتان جا ماڻهو سڀ کان پهريائين ڪليمن ۾ ڪُڙهجي پيا. سندن واٽين وٹ گروي رکيل زمينون به ڪليمن ۾ اچي ويون. گذر سفر جا وسيلا هيئن اکين آڏو ويندي ڏسي ، عوامي شاعر عبدالڪريم گدائي چئي ڏنو:

منهنجا ٻچڙا ڳيپي لاءِ ٿيا دربدر ،
سڀ کسيو ويو انهن جو سفر ۽ گذر ،
منهنجي ڌرتي تي اغيار ٿا عيش ڪن ،
منهنجي سک جا چمن ، سنڌ پيارا وطن.

ويتر جو گڊو بيراج ۽ ڪوٽڙي بيراج ٺهيا ، ته هتان جي زرخيز زمين ڀڳڙن مٹ تي ٻين کي ڏني وئي. جنهن لاءِ هتان جي عالمن ، اديبن آواز اٿاريو ، مولانا خير محمد نظامائي جيڪي درد انگيز ايڊيٽوريل لکيا ۽ شاعرن آواز اٿاريو. اهو انوقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ چڱي طرح ڏسي سگهجي ٿو. گدائي جو هڪ شعر آهي:

باغ ٻنيون بستان وڪاڻا ، ڪوٺيون ۽ دالان وڪاڻا ،

Gul Hayat Institute

کلورن ۾ کسر کانہ ڇڏي تہ عبدالڪريم گدائي چئي ڏنو:
۽ مون پڪ سڃاتا پنھنجا ھا ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
تي واٽ ڏسيائون ويرن کي، ويھي وانگيڙن جي واڙي ۾.

تاجل بيوس تہ مورڳو ڪين ھٽ رکي اگھاڙو ڪيو:
ڪيئن چئين تو چور نہ آھيان!
تنھنجو تازو پيرو آھي.

ادل سومرو وري ڪين، سندن سماجي ۽ طبقي واري روايتي پاڇو ڪڙائپ ۽ موقعي پرستيءَ ڪري، ڪابہ ميار نہ ٿو ڏئي:
ڇھرن جي چانڊوڪيءَ پويان،
اونده جا آڪيرا آھن،
کھڙيون ميارون توتي منڙا!
وقت وقت جا ڦيرا آھن.

نوجوان شاعر مخمور ميرانپوري ھر طرف خاموشي ۽ دادرسي نہ ٿيڻ ڪري پنھنجن اُڌمن جو اظھار ھن ريت ٿو ڪري:
ھيڪل ويا ڪل من ويڳاڻو، چوڏس چپ چپات،
الو ميان! چوڏس چپ چپات.
گونگو ٻوڙو شھر سمورو، ڪونہ ٻڌي ڪو بات!
الو ميان! ڪونہ ٻڌي ڪو بات.

اھو سڀ انڪري ٿيو، جو جھوني شاعر محمد اسماعيل عرساڻي 'فدا' جي چوائي:
ڪدورت ڪذب، ڪم ظرفي، ڪَمِينپ اوج تي آھن،
سچائي، صاف گوئي ڪاش اڄ ڪلھ ڪارگر ناھي،
اميرن جي مظالم ڪان غريبن ۾ متو محشر،
ستم سرمايہ دارن جي ڪان کھڙو نوحہ گر ناھي.

عوامي دور ۾ جيڪا پروپيگنڊا ڪئي وئي ۽ ماڻھن کي جيڪي سڌ سماءَ جي وسيلن ذريعي بيوقوف بنايو ويو، اھو بہ ڪنھن کان ڳجھو ڪونھي. ايترن سارن منصوبن جون ڳالھيون ڪيون ويون، زباني طور ڪروڙين رپيا خرچ ڪيو ويا، پر عملي طور امداد ۾ آيل سامان بہ ٻوڏ جي حقيقي ستايلن کي ڪين مليو، ان ۾ بہ حصا پتيون ڪيون ويون، سانگي اھي سڪندا رھيا، سندن معاشي ۽ سماجي حالتن ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو. نوجوان شاعر وقار ناڻن شاھي ان جي عڪاسي ھيئين ريت ڪئي آھي:
ڌرتي جا ڏنگ ماڻھو، لوھا ھي لنگ ماڻھو،
خوراڪ ڏٽ ڏھاڙي، ڪم رونبو لاب آھي.
مارو ملير پڪڙا، بک ٿا مرن ھي ٻچڙا،
دوزخ آ منھنجي دنيا، ايڏو عذاب آھي.
ڪرڻو نہ ڪو بہ آيو، سورج جو جھوپڙن ۾،
تاريخ جو ھي ڪيڏو تاريڪ باب آھي.

.....۽ جيسين حالتون رخ نہ بدلينديون، تيسين انھن مرحلن جي پسمنظر ۾ شاعري جڙندي رھندي.

ان پسمنظر ڪان پوءِ ھيٺ اسين جديد شاعري (ورھاڱي ڪان پوءِ) جي ڪن موضوعن بابت ڪجھ عرض ڪيون ٿا.

## جديد شاعريءَ ۾ ڪلاسڪ

اھو پھريون پيرو ھو جو جديد شاعريءَ پنھنجو ناتو ڪلاسيڪي ادب سان جوڙيو، نہ فقط تشبيھون ۽ تمثيلون، اشارا ۽ ڪنايا ڪلاسيڪي ڪتب آندا ويا، پر گھڻي ڀاڱي فني سٽاءُ بہ ساڳيو سٽيو ويو، ڏسندي ڏسندي ھتان جون اُسريل صنفون: ڪافي، وائي، بيت، دوھو، سورٺو ۽ لوڪ گيت عروج تي رسيا. ڪيترن ئي شاعرن ٻيھر سر ڪلياڻ، سُر ڪيڏارو، سر ڪاموڏ، سر گھاتو، سر مارئي، سر سھڻي، سر سامونڊي، سر سارنگ، سر سسئي، سر بلال وغيره ساڳئي موضوع ۽ رڌ ۾ ئي رچايو، ۽ فڪري طور اساسي ادب جو جديد ادب سان ناتو جوڙيو. انھن سرن ڪان سواءِ ڪلاسيڪي انداز ۾ رچيل ٻيا سر ۽ گھاڙيٽا گھڙيا، جن ۾ تاجل بيوس جو 'سر ھاري'، يوسف شاھين جو 'سر سنڌ' ۽ ملڪ نديم جو 'سر ڪاموڏ' (جنھن ۾ ھن نظرياتي طور شاھ لطيف سان اختلاف ڏيکاريو آھي) وغيره ساراھ جوڳا آھن.

انسان جي ڪيترن شاعرن جديد فڪر جي لحاظ ڪان انھن سرن ۾ اضافو آندو، ۽ انھن جي حد بندين ۾ وسعت آندي. انھن سرن ۾ حالتن مطابق مسئلا پيش ڪيا ويا.... جڏھن سرڪن ڦاھيون سوڙھيون ٿي ڪيون ويون تہ ڪلاسيڪل اھڃاڻن ۽ اصطلاحن ڪان ڪم ٿي ورتو ويو. مثال طور:
مون سي ڏٺا ماءُ، جنين سوريءَ سڏ،
آڻ نہ مڃين انياءَ جي، موت ھلن گڏ،
ڪلھي وجھي ڪينرو سڏن مٿان سڏ،
آيا آيا گڏ، متان پائين ھيڪلو.
-يوسف شاھين 'سر ڪيڏارو'

حاڪماڻي روش ڪان مايوس ٿي، يوسف شاھين بادل کي علامتي طور ايلاز ڪندي چئي ٿو تہ:
بادل اتي بيھ، پکن ناھي پساھ،
تون ئي ڪر کھڪاءُ، ٻار منھنجا ولھ ۾.

تاجل بيوس 'سر سامونڊي' ۾ چئي ٿو تہ:
اُتي جر سان جھيڙ، سوگھو ٻَڌي سندرو،
اونھي آب عميق مان، ماڻڪ موتي ميڙ،
جاري رک جھاج تي، ورھين تائين ويڙھ،
'مٽي منھن' مٽي ڪان، ڪارو پاڻي ڪيڙ،
سارو سمنڊ سھيڙ، موتين وانگي مٺ ۾.

ڪلاسيڪي رنگ ڪان علاوه، ڪن شاعرن پنھنجن پڪارن کي لوڪ گيتن ۽ لوڪ صنفن ۾ پيش ڪيو ۽ انھن صنفن ۾ موضوعن جي لحاظ ڪان اضافو ڪيو. مثال طور نياز ھمايوني جون نيون صنفون، چيٽو، سنيھو، ڊانئيڙو، ڇيڄ، مور

Gul Hayat Institute

يار محمد شاهه

# ٽي وي اوٽي وي

◉ سلور جوبلي: ٽي ويءَ کي پاڪستان ۾ وجود ۾ آئي ٢٥ سال ٿي گذريا. سلور جوبلي جي سلسلي ۾ اسلام آباد ٽيليويزن تان سمورن شعبن بابت ٢٥ سالن جي ڪارڪردگي باقاعده ڏيکاري وئي، جيڪو بہ رڪارڊ ٽي ويءَ جي لائبريري ۾ موجود هو ان مطابق پروگرامن جي ترتيب جوڙي وئي، آخر ۾، يعني آخري پروگرام ۾ ٣ سو کن سونا ٻلا ڏنا ويا. جنهنجي ڏيڻ يا ورهائڻ جو سلسلو مخفي هو ۽ ڪميٽي جو بہ نالو ظاهر نہ ڪيو ويو. بهرحال ان سلسلي تي جيڪو خرچ آيو ۽ جيڪا تنقيد اخبارن ڪئي، سا ڪنهن کان بہ لڪل نہ هئي. پر مونکي ذاتي طرح اهو ڏک ٿيو تہ جتي مالهين ۽ پٽيوالن کي سونا ٻلا ڏنا ويا، ات ڪراچي ٽي وي ۽ لوڪ پروگرامن جي سيوا ڪرڻ، ڪيترا فنڪار ۽ ڪيترا پروڊيوسر متعارف ڪرائڻ کان علاوه، ٽي وي جو وڏو ڪمائو پروگرام 'نيلام گهر' متعارف ڪرائڻ واري محنتي، مخلص ۽ ايماندار انسان عبدالڪريم بلوچ صاحب کي ڪوبہ ايوارڊ يا ٻلو نہ ڏنو ويو. اسلام آباد وارن جي اها ٻہ اکيائي سمجهہ ۾ نہ آئي. ◉ ڪراچي ٽيليويزن سينٽر، صوبائي پروگرام ۾ 'ڪنٺهار' نالي اهڙو پروگرام پيش ڪيو، جنهن ۾



ممتاز ڪنول، نور محمد لاشاري
۽ گلاب چانڊيو ڊرامي سوال

ڪجهہ اردو پروڊيوسر ۽ تمام سنڌي پروڊيوسر ۽ فنڪار شامل هئا. سواءِ انهن فنڪارن پروڊيوسرن جي، جيڪي اسلام آباد واري پروگرام ۾ سونا ٻلا ونڻ ويا هئا، جن ۾ محمود صديقي، شفيع محمد، هارون رند، سڪينا سمو، نور محمد لاشاري شامل هئا. محمد بخش سميجو، جنهن کي بهترين صوبائي ڊراما پروڊيوسر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٽي ڀيرا نامزد ڪيو ويو،



ريحانا اختر ۽ عبدالغفار ميمن
ڊرامي سوال ۾

ان کي بہ نظرانداز ڪيو ويو، ڪراچي تان جيڪو پروگرام 'ڪنٺهار' پيش ڪيو ويو، ان جو ڪمپيئر ممتاز مرزا هو، جڏهن تہ اسٽيج تي سنڌي پروگرام، فنڪارن، ۽ پروڊيوسر جو سرواڻ عبدالڪريم بلوچ صاحب، ۽ سنڌي ڪافي ڪلام جو عظيم سرمايو محمد جمن پڻ موجود هو، ان کان علاوه سنڌي موسيقيءَ جا 'چنڊ ۽ تارا' علڻ فقير، زرينہ بلوچ، سليمان شاهہ پڻ پنهنجي فن جي مظاهري سان محفل کي سنواريو. ممتاز مرزا صاحب، بلوچ صاحب سان جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ فنڪارن کان انهن جي زندگيءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪئي، ان لاءِ عرض آهي تہ اها بهترين هئي، پر محل موقعي مطابق نہ هئي. بلوچ صاحب پنهنجون سارونيون سٺايون ۽ فنڪارن پنهنجون طبيعتون ڏيکاريون. جڏهن تہ سنڌي پروگرامن ۽ ٽي ويءَ جي ٢٥ سالن جي ڪارڪردگي ۽ پروگرامن بابت گفتگو هئڻ گهرجي ها ۽ لائبريري مان نامور سنڌي ڊرامن ۽ ٻين پروگرامن جي ڪليڪشن هٿ ڪري، سڄي تاريخ ۽ سفر ڏيکاريو وڃي ها تہ ناظرين جو ذهني تسلسل قائم ٿي وڃي ها. پنهنجن پورهيت فنڪارن جي پورهي کان بہ واقف ٿي وڃن ها. بهرحال سڄو

Gul Hayat Institute

آئيڊيو ، 'وقت ڪا آسمان' پيش ٿيندو ، جنهنجو ليکڪ طاهر شيخ آهي. خاتون پرڊيو سر رفعت همايون 'گجر' جي جاءِ تي 'لهوترنگ' نالي ميوزڪ جو پروگرام پيش ڪندي. شاعر صبا اختر ۽ موسيقي ظفر علي ڏيندو. 'آپ سي ڪيا پرده' اقبال لطيف پروڊيوسر ۽ ڪمپيئر 'آڏي دنيا' واري يوسف زليخا هوندي. هن پروگرام ذريعي هر دفتر ۾ ٿيندڙ بيقاعدگين ۽ رشوت وٺڻ کان علاوه سمورن ، غلط طريقن تان پردو کنيو ويو. سوال جي پڇاڻيءَ کان پوءِ هڪ ڊرامو طارق عالم ابڙي جو منظور مگسيءَ جو رڪارڊ ڪيل پيش ڪيو ويندو. ان کان پوءِ شوڪت شوري جي لکيل ڊراما سيريز 'ملڪيت' پيش ڪئي ويندي. جنهنجي رڪارڊنگ ۾ پورهيت پروڊيوسر فيض ٻگهيو مشغول آهي. لفظ پورهيت تان جن دوستن کي اعتراض ٿيو هو ، انهن لاءِعرض آهي ته فيض صاحب جو تعلق ڪڇي جي علائقي سان آهي ، ان لاءِ نوڪري ۾ به مزدور ٿو لڳي. جڏهن ته شهري پروڊيوسرن جي ڊيلنگ ڪاموري ڪي دٻدٻي واري هوندي آهي. ان ڪري پورهتي ۽ آفيسر جو فرق صاف ظاهر آهي. ملڪيت جي اداڪارن ۾ سڪينه سمون ، صلاح الدين تنيو ، فريد نواز بلوچ ، بينا ، بيدل مسرور ، يوسف علي ، اي آر بلوچ ، روشن عطا ، انور سولنگي ، قيصر نقوي ، منظور مراد ، ايم اي راجا ، غزل صديق ، نجمه ڪاوش ، سليم قاضي ، مجيد عابد ، عبدالغفور خاصخيلي شامل آهن. ان کان علاوه جي ايم ڪانفرنس کان پوءِ ٿي سنڌي ۽ اردو پروگرامن جي ترتيب ۽ ورهاست جو سر ڪيولر نڪرندو آهي. تيسين خبر نه آهي ته چا چا شروع ۽ نشر ٿي چڪو هوندو. آغا سليم به هڪ ڊراما سيريز لکي ڏني آهي ، جنهن کي شايد منظور قريشي پيش ڪري. پرائيويٽ پروڊڪشن جي سلسلي ۾ هيڊ ڪوارٽر جي سختيءَ کان پوءِ ، ڪجهه ٺاپر اچي وئي آهي. پر نئين چينل کلڻ کان پوءِ ممڪن آهي ته اهو سلسلو وري ٻيهر شروع ٿي وڃي. ٻئي طرف هندوستان وانگر پاڪستاني فلمساز ۽ هدايتڪار به ٽي وي لاءِ فلمي اداڪارن تي مشتمل ڊراما سيريز رڪارڊ ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهن. اهو به ممڪن آهي ته جلد ئي پاڪستان ۽ هندوستاني اداڪارن تي مشتمل اهڙي ڪنهن سيريز بابت پاڪستان جي هڪ وڏي فلمساز اداري طرفان اعلان پڻ ڪيو وڃي. اڄڪلهه انڊين فلمن جي ويڊيو ڪيسٽن ۾ هندوستاني اداڪار پاڪستاني ڏسندڙن کي هم ڪلام ٿي اچڻ جي سلسلي ۾ ٻڌائين ٿا. جماعت اسلامي ، ۽ ٻين شرپسند ملن جي ڪري في الحال اهو پروگرام ڪينسل ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته ملن جي نظر ۾ هن پروگرام سان اسلام ۽ پاڪستان کي خطرو هو. سنڌي فلم 'درياهه خان' جنوري ۾ رليز ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. اسدالله شاهه جي نئين رنگين سنڌي فلم 'جيئي لطيف' عيدالفطر تي ريليز ڪرڻ لاءِ تياري ڪندو. ٻيون به ڪافي سنڌي فلمون نهڻ جي تيارين ۾ آهن.

◉اُهو ماڻهو جنهن کي پنهنجا خيال ٻين تائين پهچائڻ جي قدرت آهي ، ته اُهو ماڻهو مري نٿو سگهي ، ڇو ته هُن جو جسم جيتوڻيڪ ختم ٿي وڃي ٿو ، پر هُن جا خيال لکن ماڻهن جي دماغن ۾ صدين تائين زنده رهن ٿا ۽ هُو پنهنجي زندگي خيالن جي زندگي وسيلي هزارها سالن تائين برقرار رکي سگهي ٿو.

سباش چندربوس

◉ڪڏهن به ڪا شيءِ ختم نٿي ٿئي ، ڪنهن ٻي شيءِ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. خوبصورتي ، ياد ۾ ، ياد نغمي ۾ ، نغمو گونج ۾ ، گونج فضا ۾ ، فضا لهرن ۾ ۽ پوءِ لهرن کي ڪير ٿو مٽائي سگهي.

ڪرشن چندر

◉پل ته رُڪ شاعري ۾ گونجي ۽ جرڪي ، شاعر هڪ ويڙهاڪ هوندو آهي. جو ويڙهاند ۾ اڳواڻي ڪندو آهي.

هوچي منه

◉ سوشلزم ڪانسواءِ مُلڪ مان بدانتظامي ، رشوت ، نوڪر شاهي ۽ عام ڦرلٽ کي ختم ڪري نٿو سگهجي ، فقط سوشلزم سان ئي هر قسم جي ڀلائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

مولانا ڀاشاني

Gul Hayat Institute

ڪي ايرنڊي هيرو چوندو هو. ۽ اڄ هُو اميتاڀ ڪي پنهنجي ملڪيت تو سمجهي. ڊسٽريبيوٽرز بہ منهنجي فلم مان وڏيڪ ڪمائين ٿا. جيئن مون جادوگر ۵۵ لکن ۾ وڪي، جڏهن تہ ڊيساعي وارن ۵۷ لکن ۾ طوفان وِڪي. بهرحال جيڪي ٿيڻو هو، اهو ٿي ويو. تڏهن بہ مون من جِي ۽ ڪيتن ڪي 'جادوگر' جي پريميئر تي دعوت ڏني. پر هُو ڪونہ آيا." ◉ شيکر ڪپور 'دشمنيءَ' کان پوءِ 'چيمپيئن' ٺاهيندو. فلم 'ميرا پتي صرف ميرا هي' ۾ ريکا ۽ راڌيڪا جي مقابل جيتندر هيرو جو رول ادا ڪندو. ◉ تازو خبر پڌن ۾ آئي آهي تہ پروين بابي واپس انڊيا اچڻ جو سوچي رهي آهي. ◉ 'مهاسنگرام' جي پارٽيءَ ۾ آديتا گهٽن ڏينهن کان پوءِ زرينا وهاب سان آيو. زرينا 'طوفان' ۾ پنهنجي رول کان گهڻي خوش آهي. ۽ هُوءَ فلمن ۾ واپس اچڻ جو پلان ٺاهي رهي آهي. گووِندا هميشہ وانگر دير سان آيو. ڪيس ڪاري فل سوٽ تي زردي ٽائي پڌل هئي. گووِندا ۽ آديتا هڪ ٻئي کي ساراهڻ ۾ لڳي ويا. ونودڪنا کي ڊارڪ گاگلز اکين تي چڙهيل هو. ونودڪنا جنهن مهل گووِندا جي پر سان ٻيٺو تہ گووِندا کان ننڍو ۽ وڏيڪ فِٽ پئي لڳو. جنهن مهل ونودڪنا کي اچي فوٽوگرافرز وڪوڙيو، تہ آديتا بہ اچي سائس گڏ بيٺو. ٻي پاسي وري پرڪاش مهرا اچي بيٺو. شڪتي ڪپور جو نڪ مرڳو ٽئي ونودڪنا جي جام ۾ لڳو. جڏهن تہ سميت سهگل ونودڪنا جو پُڇ ٿي، هن جي پٺيان بيٺو. ◉ سٽي ڪاليج جي هڪ تازي فنڪشن ۾ چنڪيءَ لاءِ اهو ريمارڪ پاس ٿيو تہ "هو هر ڳالهہ ۾ خلل تو وجهي ۽ گهڻي ڏنگائي تو ڪري." تنهن تي ان ريمارڪ ڏيندڙ کي چيو ويو تہ "پلاحرڪت ڪندڙ هلندڙ شيءِ کي چنڪي ڪيئن تو روڪي." تہ اهو جواب مليو تہ منڊونا سندس مشهور گانو لائيڪ اَي ورجن ڳائڻ تڏهن کان بند ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن کان چنڪي ميڊونا سان مليو آهي. هاڻ ميڊونا رڳو ڳائي ٿي "پاپا ڊونٽ پريچ." ◉ چنڪي 'خلاف' جي شوٽنگ دوران ريسلنگ ڏني ۽ همراه کي شوق چڙهيو ۽ 'خلاف' جي ڊائريڪٽر کي چيائين تہ مهيش آنند سان سندس لڙائيءَ وارن سينز ۾ ڪجھ گهٽا ٽونشا رکيا وڃن. ٻئي ڏينهن مهيش آنند سائس ريهرسل لاءِ تيار نہ هو. چنڪيءَ کي اهڙو جوش چڙهيو، جو اوچتو ڪٽي مهيش آنند کي ٽونشو هڻيائين. مهيش هٽي ويو. ۽ پنهنجو هٿ ڪٽي اڳيان ڏنائين. جيڪو ٽونشي جي لڳڻ سان ڪلهيٰ کان ڏار ٿي پيو. هاڻ ڪنهن ڊائريڪٽر گڙٻڙ ڪئي تہ چنڪي ان جو بہ ترت علاج ائين ڪندو. ◉ ڪليان جِي جي پٽ وِجو شاه، 'اوئي اوئي' جي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ 'تيروپتي' جي مهرباني مڃڻ لاءِ پنهنجو مٿو گنجو ڪرايو آهي. ◉ نٽ راج اسٽوڊيو ۾ شڪتي سامنت پنهنجي فلم 'دشمن' جي شوٽنگ ڪري رهيو هو. جنهن ۾ مٿن ۽ منداڪني حصو ورتو. جتي منداڪنيءَ ٻڌايو تہ هن وٽ تمام گهٽيون فلمون آهن. (اميد تہ سڀ فلاپ وينديون) ۽ هُوءَ بہ شفٽ ڪم ڪري ٿي. سندس پيءُ سندس فنانشل مسئلا ۽ ڊيٽ پرابلم حل ڪندو آهي. جڏهن تہ سندس ماءُ هرهنڌ سائس گڏ هوندي آهي. هينئر هُوءَ مٿن، گووِندا ۽ آديتا پنچوليءَ سان ڪم ڪري رهي آهي. 'جنگباز' ۾ هن جي اداڪاريءَ کي ساراهيو ويو آهي. جڏهن تہ اميتاڀ سان ڪم ڪرڻ لاءِ سِڪي پئي. هن وٽ اميتاڀ جون سڀ فلمون آهن. جيڪي هُوءَ اڪثر ڏسندي رهندي آهي. جڏهن تہ رميش سپي هُن جو پسنديده ڊائريڪٽر آهي. هُن کي پڪ آهي تہ هوءَ هڪ ڏينهن رميش سپيءَ جي ڊائريڪشن ۾ ڪم ڪندي. ◉ رضا مراد جو پٽ علي، ريکا ۽ فقط ريکا سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو. اها ڳالهہ رضا مراد ٻڌائي تہ هُو اٿندي ويهندي ريکا سان شادي ڪرڻ جا خواب تو ڏسي، ۽ تمام گهڻو سيريس آهي. ڇو جو ريکا وانگر ئي علي بہ سهڻو آهي. آخر پئان جو پٽ جو ٿيو. ۽ هينئر ئي اچي عشق تپايو اٿس. پر افسوس عليءَ جي عمر صرف چار سال آهي. ◉ آخري خبر اها آهي تہ ڪمل هاسن پنهنجي سپر هٽ فلم 'اپور وَاساگو دارگال' کي بمبئيءَ ۾ ٺاهيندو. ان فلم ۾ ڪمل هاسن ٽي رول هڪ پيءُ ۽ ٻن پٽن جو جا رول ادا ڪيا آهن. جن ۾ هڪ ڀاءُ ڇامڙو آهي. جنهن جو نالو 'اپو' آهي ۽ اهو مرڪزي ڪردار آهي. هاڻ اها فلم هنديءَ ۾ ڪمل هاسن ٺاهيندو تہ اها سڄي دنيا ۾ ڏني ويندي. ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪمل هاسن کي وري هڪ ڀيرو بمبئي ۾، هندي فلمن ۾ ڪاميابي ملي وڃي. ان فلم کي هنديءَ ۾ ٺاهڻ لاءِ ڪمل هاسن کي پرڪاش مهرا، جيتندر، نڊياڊوالا بہ گهڻو زور ڀريو آهي. ڪاش دياوان، جيڪا ڪمل هاسن جي ڪامياب ترين فلم 'نياڪن' تان ٺاهي وئي هئي، ڪمل هاسن هجي ها تہ فلم ضرور ڪامياب وڃي ها.

◉انسانن جي وچ ۾ سچي محبت فقط تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن سڄي دنيا ۾ طبقاتي فرق جو خاتمو آندو ويندو.

مائوزي تنگ

◉دنيا جو پورهيت طبقو وڏي سورهيائي سان سرمايہ داري نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ اُٿيو آهي. ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ آخري جنگ شروع ٿي وئي آهي، هن جنگ ۾ غيرجانبدار رهڻ موت ۽ غداري جي برابر آهي.

رومن رولنڊ

◉پورهيو ڪندڙ طبقي جي حڪومت انسان ذات کي سرمايہ داري جي جُوا ۽ جنگ کان ڇوٽڪارو ڏياريندي.

لينن

Gul Hayat Institute

# سنگيتا بجلاڻي

## انڊين سنڌياڻي اداڪارا

اڄڪلهہ نئين [illegible]
آهي. سندس پرڪشش [illegible]
جو سندس مقبوليت جو گراف ڏينهن بہ ڏينهن بلند ٿيندو ويو. سنگيتا جو ڄم هڪ سنڌي گهراڻي ۾ ٿيو. ورهاڱي وقت سندس مائٽ سنڌ مان لڏي بمبئيءَ ۾ اچي رهيا. سنگيتا جو رجحان ننڍپڻ کان ئي فن جي دنيا ڏي هو. وقت گذرڻ سان گڏ سندس شوق بہ جوان ٿيندو ويو. سنگيتا مسلسل فن جي دنيا ۾ اچڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي هئي. نيٺ وِيڪو ٽوٿ منجن جي اشتهار ۾ سنگيتا کي چانس مليو. اهو اشتهار جڏهن دوردرشن تان ريليز ٿيو، تڏهن هر طرف سنگيتا جي حسن جي واهہ واهہ ٿي وئي. وِيڪو جو اهو اشتهار تقريبن هر فلم جي ويڊيو ڪيسيٽ ۾ بہ هوندو هو. ڪجهہ ٻيا اشتهار بہ سنگيتا کي مليا. ٽي وي ۽ ويڊيو ڏسندڙ لاءِ سنگيتا ماڊلنگ ۾ سپر اسٽار ٿي وئي. هو ڏانهن جي پي دتا پنهنجي ملٽي اسٽار فلم 'هٿيار' لاءِ رشي ڪپور جي مقابل ڊمپل کي سائن ڪيو هو، پر ڊمپل سان ڊيٽ پرابلم ٿي پيو. تنهن ڪري ڊمپل کي اهو رول مجبور ٿي ڇڏڻو پيو. ظاهري ڳالهہ آهي هڪ وڏي بينر جي فلم ڇڏڻ ڪري جتي ڊمپل کي افسوس ٿيو، اتي وري ٻين هيروئنن اميد ڪئي تہ اهو رول شايد ڪين ملي. جي پي دتا اوچتو فيصلو ڪيو تہ اهو رول سنگيتا ڪندي. اها ڇرڪائيندڙ خبر هئي. ان خبر سان ئي سنگيتا فلم اسٽار ٿي وئي. سندس ايڏا انٽرويو ۽ ايتريون ٽرانسپيرنسيون ڇپيون، جو هر ماڻهو ڪانئس ويڊيو ۽ ٽي وي ذريعي واقف ٿيڻ ۾ جي پٺتي هو، اهو بہ سنگيتا جي ذاتي ۽ فني زندگيءَ کان چڱي طرح واقف ٿي ويو. سنگيتا کان اهو بہ پڇيو ويو تہ هُو ماڊلنگ ۾ ٽاپ پوزيشن تي هئي، پوءِ آخر هن ڇو ڊمپل جو ڇڏيل رول قبول ڪيو. تنهن تي سنگيتا چيو تہ "فن جي دنيا ۾ مون کي اچڻو تہ هو. تنهن ڪري مون ڏٺو تہ نيڪ ناڪ رول آهي ۽ جي پي دتا جي ڊائريڪشن آهي، ان لاءِ مون رول قبوليو."

جڏهن کان سنگيتا جا انٽرويو اچڻ شروع ٿيا. تڏهن کان سندس نالو بنجو ۽ سلمان خان سان بہ مشهور ٿيو. سنگيتا بنجوءَ سان پنهنجي اسڪينڊل کي غلط ۽ ڪوڙ قرار ڏنو. جڏهن تہ سلمان خان سان پنهنجي افيئر جي هائو ڪار ڪيائين. سلمان خان رائٽر سليم خان جو پٽ آهي. ۽ راجشريءَ وارن جي ايندڙ فلم 'مين ني پيار ڪيا' ۾ هيرو اچي رهيو آهي. فاروق شيخ

Gul Hayat Institute


Gul Hayat Institute

